# ٻارن کي ڪيئن سيکارجي



**مجاهد حسين شاهه**
**سوشل رسرچر**
**سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن**

ارپنا

شائين حسين شاهه
جن جي نانءُ
جن تحقيق جي روشني ۾ پڙهڻ سيکاريو

# ڊجيٽل بوڪ ڪارنر سنڌ ويب

## محترم دوستو.....!

اداري، سنڌ ويب ڊاٽ ڪام جي شروع ڪرڻ جو صرف ۽ صرف اهو مقصد هيو تہ، سنڌ ۾ يا سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنڌيءَ کي پنهنجي ادب ۽ دنيا جي سموري ادب تائين سستي ۽ مستقل پهچ ڏيارجي. انهيءَ مقصد کي آڏو رکي اسان اوهان دوستن جي لاءِ سنڌي ادب کي اي بوڪس (ڊجيٽل ڪتاب) جي صورت ۾ اوهان جي آڏو پيش ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي. دوستو.... ! هن طريقي سان نہ صرف سنڌ ۾ پر سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنڌين کي تمام گهڻو فائدو رسندو. انهيءَ ڏس ۾ اوهان سڀڻن کي گذارش ڪجي ٿي تہ مهرباني ڪري اوهان وقت بہ پنهنجا قيمتي مشورا اسان کي ڏيندا تہ جيئن اسان وڌيڪ سٺي ۽ سهڻي نموني سنڌ ۽ سنڌي ادب جي خدمت ڪري سگهون، ڪتاب جو فارميٽ پي.ڊي.ايف ۾ آهي جنهن کي ڏسڻ جي لاءِ اوهان کي ايڪروبيٽ جي ضرورت پوندي (ايڪروبيٽ ريڊر انسٽال ڪرڻ لاءِ هتي ڪلڪ ڪريو). اهو سافٽويئر اٽڪل هر سي.ڊي ۾ ملندو آهي. ان سافٽويئر کي انٽرنيٽ تان ڊائون لوڊ ڪرڻ جي لاءِ هيٺ ڏنل لنڪ تي ڪلڪ ڪري ان جو ڪو بہ ورزن انسٽال ڪريو ۽ ڊائون لوڊ ڪيل ڪتاب کي ڏسو.

وضاحت
مهاڳ
سکيا جو ماحول
سماجي شموليت
معنيٰ خير سرگرميون
ڇاڻ جي هم آهنگي
حڪمت عمليون جوڙڻ
خود انتظامي
ڄاڻ کي ٻيهر جوڙڻ
تصوراتي سمجھ
ڄاڻ منتقل ڪرڻ
ڪلاس ۾ سکيا جي ماحول جي ترتيب
فردي ۽ نشو ونما ئي تفاوت
تحرڪ
مهارت ڇا آهي ؟
معلومات جا معنا خيز طريقا
ڄاڻ منظم ڪيئن ڪجي؟
شاگرد مرڪوز ماحول
ڄاڻ مرڪوز ماحول
ترڪيبي پرک
گروهه مرڪوز ماحول
آخري ورق

# وضاحت

هن ڪتابڙي ۾ موجود معلومات آڇڻ کان اڳ اهو ضروري ٿو سمجهان تہ اوهان جي اڳيان انهيءَ سموري مرحلي جي وضاحت پيش ڪريان جنهن ذريعي هي بڪليٽ اوهان جي هٿن تائين پهتو تہ جيئن اوهان هن سموري مواد کي هڪ تسلسل ۾ ڏسو. شروع ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي دائريڪٽر مشهود رضويءَ جي هدايت هئي تہ هڪ اهڙي تحقيق ڪئي و جي جنهن ۾ هيلتائين سکڻ جي عمل تي جديد تحقيق کي سهيڙي ان جي تناظر ۾ پنهنجي موجوده اسڪولي سرگرمين کي پيٽي ڏٺو وڃي. ان تحقيق جو ٻيو حصو اسڪولي نظام ۽ نصاب تي ٿيل تنقيد کي سهيڙڻ پيٽاجو پس منظر جوڙڻ هو-(جنهن سان اسان جو هتي نہ وچي)- هن ڪتابڙي ۾ سکيا تي ٿيل جديد تحقيق کي سهيڙي ان کي اسڪولي ماحول سان پيٽا ۾ تجزيو ڪيو ويو آهي. انٽرنيٽ جي مختلف ويب سائيٽن تان مواد پڙهڻ کان پوءِ دل چيو تہ اها معلومات ٻين تائين پهچائڻ گهرجي ان مواد کي مقا مي صورتحال بابت ذاتي سمجهہ سان ڳوهي موجوده شڪل ۾ آندو ويو آهي. تہ جيئن موضوعن جي متن کي مقامي سطح تي هم آهنگ ڪري سگهجي چو تہ منهنجي خيال موجب جيڪڏهن تصورن جي وضاحت لاءِ وري بہ ساڳئي نوعيت جا تصور استعمال ڪياوجن ها تہ معلومات کي پنهنجي طعي ڪيل ٽارگيٽ تي پڄائي نہ سگهجي ها جڏهن تہ انگريزي مواد جي ترتيب اهڙي قسم جي هئي– هاڻي مونکي واقعي بہ خبر ناهي تہ هن قسم جي ڪم کي نيٺ چا ڪوئجي–ترجمو، ترتيب، سهيڙڻ، ريپروڊيوس ڪرڻ، ڪمپائيل ڪرڻ ، اهي سڀ يا انهن مان ڪوبہ نہ !– ها باقي ايتري تنقيد منهنجي پنهنجي ذهن ۾ بہ پيدا ٿئي ٿي تہ : هي بہ ڪو طريقو ٿيندوآ ؟!– ذهن وٺ بہ الائي ڪهڙا ڪهڙا لاشعوري محرڪ ٿا ٿيڻ بس پوءِ مون جهڙي هلڪي پيٽ جي ماڻهوءِ لاءِ تہ سندس اهو دليل ئي ڪافي آ تہ ڀائو اهڙي قسم جي مواد جي ڏاڍي کوٺ اٿئي تنهن ڪري تون ئي ڪو تير هڻ چوتہ ڪنهن شيءِ جي اڻاٺ هجڻ کان ڪنهن موچاري شيءِ جو موجود هجڻ بهتر آهي!! .

کي ڳالهيون وڏيڪ آسان هجڻ ڪري ماڻهوءَکي بور ڪنديون آهن تہ ڪي وري مشڪل هجڻ سبب هٿ ڪڍڻ تي مجبورڪنديون آهن. ڏکيائيءَکي موضُوع ۽ پڙهندڙن جي ذهني پهچ مطابق فٽ ڪرڻ واقئي بہ هڪ فن آهي جنهن جي نہ هجڻ جو مان اعتراف ڪريان ٿوپر اها ڳالهہ پڪ سان ڪري سگهجي ٿي تہ ڪتابچي ۾ موجود معلومات معلومات جديد ۽ ڪارائتي تنهنڪري اها اميد آهي تہ پڙهندڙ ٻوليءَ جي اوڻاهين ۽ خيال جي ابهام کي درگذر ڪري پاڻ مرادو معلومات ۽ تصورن کي سمجهڻ جي ڪجهہ ڪوشش وٺندا.

سکيا بابت سموريون ڳالهيون اهڙي انداز سان لکيون ويون آهن جن ۾ سکندڙ پهرئين کا ٻارهين درجي تائين جو شاگرد نظر اچي ٿو پر سکيا جا اهي اصو ل سمورن سکندڙن تي لاڳو ٿين ٿا ۽ يونيورسٽيءَ جي شاگردن کي پڙهائڻ ۽ سکيا جو ماحول ترتيب ڏيڻ لاءِ انهن جو استعمال آهي. استاد ن کي ٽرينگيون ڏيندڙن کي بہ سندن سکيا وقت اهي اصول استعمال ڪرڻ گهرجن .

# مهاڳ

ماڻهو پنهنجي ڄاڻ جو اڪثر حصو غير روائتي طور سکندو آهي پر ٻين انسانن جي مشاهدن ۽ تجربن ذريعي گڏ ڪيل ڄاڻ کي سمجهڻ لاءِ ڪيس تعليم جي ضرورت پوندي آهي.گذريل ٽن ڏهاڪن کان سکڻ جي عمل تي ذهن ۽ دماغ جي دائري ۾ ٿيندڙ جديد تحقيقي ڪم جي نتيجي ۾ اڄ اسان وٽ تعليمي عمل کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪافي مواد موجود آهي ۽ سکيا جي هڪ نئين"ٿيوري وجود ۾ اچي رهي آهي جنهن وٽ نصاب، پڙهائڻ جي طريقن ۽ شاگردن جي ڪارڪردگي/ حاصلات جانچڻ جا بلڪل مختلف ۽ ڪارآمد طريقا موجود آهن . ڪجهه ڏهاڪن کان تفهيمي سائنس (cognitive science ) ،تعليمي نفسيات، علم الا نسان، نشونما جي سائنس ۽ سماجي نفسيات جي ميدانن ۾ سکڻ جي عمل تي ٿيندڙ تحقيقي ڪم کي سهيڙي ان جي نتيجن کي ادارتي تعليم جي نصاب ، نظام ، پڙهائڻ ۽ شاگردن جي سمجهه پرکڻ جي طريقن سان پيٽ ڪجي ٿي ته انهيءَ عرصي ۾ انهن تحيقدانن ۽ تعليمدانن جي وچ ۾ وڏي وٿيءَ جو انڪشاف ٿئي ٿو.

نصاب ٺاهڻ وارن سان مسئلو اهو آهي ته هو شاگرد ۾ وڌ کان وڌ معلومات ڊروسڻ جي چڪر ۾ سبقن، نصاب کي اهڙو ته ڏکيو ، غير دلچسپ، ۽ غير هم آهنگ بنائي ٿا ڇڏين جو ٻار ۾ لالچ يا ڊپ کان سواءِ پڙهڻ لاءِ آمادگي پيدا نه ٿي ٿئي، حالانڪ نفسياتي تحقيقن مطابق ٻارن ۾ سکڻ لاءِ اندوني تڙپ ۽ تمنا وڏن کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ هوندي آهي. ٻارن ويچارن کي راند روند تان پڪڙي اسڪولن ۾ واڙي انهن سان وڏو ظلم ڪيو ٿو وڃي . هن ويچاري کان اهو ته نه ٿو پڇيو وڃي ته تون ڇا سکندين ؟ ويتر ويچاري کي اهڙو ته هيسايو ٿو وڃي جو هو سندس دماغ ۾ پيدا ٿيندڙ سوالن کي ڊپ کان اتي ئي دٻايو ڇڏي .نصاب جي مٿان کان هيٺ ترتيب ڏيڻ جي ڪري عملي زندگيءَ، نشونمائي مرحلن سان غير لاڳاپيل، ٻاراڻي ذهن جي سمجهه کان ڏکي معلومات تي مشتمل ڪتاب جوڙيا وڃن ٿا جن ۾ مو جود معلومات اهم ۽ بنيادي اصولن جي چوڌاري ترتيب ڏنل نه هجڻ سان گڏوگڏ رڳو مٿاڇرين حقيقتن ۽ انگن اکرن تي مشتمل هوندي آهي ۽ ڪتابن ۾ موضوعن جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ بجاءِ اوهان کي گهڻا موضوع پيش ڪرڻ جو خبط واضح پيو نظر ايندو- (هتي اسان نصاب ۽ نظام تي رڳو ٽيڪنيڪل تنقيد پيا ڪريون سياسي نقطيءَ نگاهه وغيره سان ڏسڻ اسان جو ڪم ناهي)- ۽ انهن ڪتابن ۾ جيڪا ٻولي استعمال ٿيل هوندي آهي تنهن مان لڳندو پيو آهي ته لکڻ واري کي ٻار جي تفهيمي نشونما ۽ ان مطابق سندس سمجهڻ جي حدن جو ڪو اندازو ئي ناهي. ماستر کي جواب ڏيڻ نه ايندو پوءِ چوندا ٻار جاهلانا سوال ڪندا آهن. اصل ۾ ڪو بهه سوال فضول يا جاهلانا ناهي هوندو پر ان سوال کي سمجهڻ جي ضرورت هوندي آهي ٻار کي جيڪڏهن اسڪولي معلومات معني خيز لڳي ته ٻار ۾ سکڻ لاءِ ايڏو ته تجسس ٿيندو آهي جو هن کان ماني کائڻ ئي وسري وڃي !-- تنهن ڪري ته ڪنهن فلاسفر جو چوڻ آهي ته Be child if you want to learn يعني جيڪڏهن توهان کي سکڻو آهي ته ٻار ٿي وڃو. منهنجو پنهنجو ذاتي تجربو اهو آهي ته ننڍي هوندي سبق بيت پيا پڙ پڙ ڪري پڙهندا هئاسين ڪا خبر ڪان پوندي هئي ته هي ڇا هي ؟ ڇو آ؟ اسان هي ڇو ٿا پڙهون ؟- ۽ هاڻي وري ڪنهن پرائمري اسڪول جي ٻاهران گذر ٿيندو آهي ته ٻارن جون يڪ زبان داهون ٻڌڻ ۾ اينديو ن آهن استاد سبق پڙهندو ويندو آهي ۽ هو موٽ ۾ ساڳيو ئي جملو ورائي استاد جي منهن ۾ هڻندا آهن ڇڻ ته ڪاوڙ ۾ داهون ڪري اهو ٻڌائيندا هجن ته " ڪجهه بهه سمجهه ۾ ڪونه آيو" . جديد نفسيات جا ماهر دانهون ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهن ته تعليمي "ماهرئو!" سکيا جو عمل سمجهڻ اسان جو موضوع آهي ۽ اسان جي تحقيق مطابق ٻار جي تصوراتي سمجهه ان جي تفهيمي ارتقا جي مرحلن سان ڳنڍيل هوندي آهي، ٻار ذهني ارتقا جي ڪهڙي مرحلي تي ڪهڙيو شيون ڪيئن حضم ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو ۽ ٻار جو ذهني نظام حضم توهان عينڪي ٻاکن جهڙو تيز ناهي هوندوجو اهو نُوس معلومات ،تصورات سان گهٽ رڇيل ڄاڻ ۽ غير واضع متن واري معلومات سمجهي سگهي. پر اسان وٽ نصاب جوڙيندڙن، تعليم پچائڻ سان لاڳاپل ٻين ماهرن ۽ استادن جي

ڪنن ۾ پاڻ تي ٽيندڙ اهڙي قسم جي تنقيد ٻڌڻ وقت شيهو پريل آهي ڇو ته هو جيڪي شاگردن لاءِ مال مصالحو ڏاهين ٿا يا پهچائين ٿا انهن کي بس انهي مواد جو پڙاڏو گهرجي ٿو جيڪو شاگرد رٽو هڻي انهن تائين موٽائي پهچائين ٿا ٻاڦي ٻار جي تصوراتي سمجهه نڪو سندن مقصد آهي ۽ نه ئي وري هو امتحانن ۾ ان کي پرکيندا ئي آهن جن بابت سکيا جي اها جديد تحقيق ٻڌائي ٿي ته ٻار ان صورتحال ۾ ۽ ان ڄاڻ جو رٽو هڻندو آهي جيڪا کيس سمجهه ۾ ناهي ايندي ڇو ته اها سندس ذهني ارتقا جي مرحلي مطابق ناهي هوندي–هاڻي ڪير سوچي ته ڪيترا سيڪڙو نصابي ڄاڻ سمجهه ۾ آئي !!–يعني ٻار جي ذهني نشونما سان هم آهنگ آهي ؟.

ٻار ۾ سکڻ جو اتساهه ۽ تحرڪ پيداڪرڻ لاءِ "ڏنڊي ۽ ڏاڦيءَ" _ "چماٽ ياشاباس" _ ناڪاره ۽ مدي خارج بڻجي چڪو آهي فنسياتي تحقيقن ڄاڻ، سمجهڻ ۽ نين شين جي کوجنا ڪرڻ کي ٻارن جي فطري خواهش ثابت ڪيو آهي . هاڻي اهو سوال ڪرڻ ئي اجايو ٿو ڪوئيو وڃي ته "ڪهڙو ٻار پڙهائيءَ ۾ هوشيار آهي؟" اڄ جي دور جو سوال اهو آهي ته"ڪهڙو ٻار ڪيئن هوشيارآهي ؟" جيڪو ٻار انهيءَ سوال جي دائري ۾ نه ٿو اچي ته ان لاءِ وري اهو نفسياتي سوال اڀاريو ٿو وڃي ته "اهو ٻار ڇو هوشيار ناهي!؟ڪهڙو ٻار ڪيئن هوشيار آهي انهيءَ ڳالهه جو اهو مطلب آهي ته جديد تحقيق مطابق ٻارن جي سکڻ جاطريقا مختلف ٿينداآهن تنهن ڪري اهو ڏسڻ گهرجي ته شاگرد ڪهڙي طريقي سان ڄاڻ کي وڌيڪ آساني ء سان سکي ٿو مثال ؛ ٻڌڻ ذريعي ، ڏسڻ ذريعي (خارجي)يا اندروني احساس ، وجدان ، اشارن ۽ غور و فڪر ذريعي (داخلي)يا شاگرد ڪهڙي صورت ۾ خارجي ڄاڻ بهتر نموني سمجهي تصويرن ، شڪلين ، گرافن ،نقشن يا لفظن اچارن ۽ آوازن ذريعي وغيره..
حالت اها آهي ته نصاب کي ميل جي ديگهه آهي ۽ انچ جي گهرائي پوءِ ظاهر آهي ته ان جو نتيجو ٻه اهو ئي نڪرڻو آهي . مٿان وري استادن سکڻون جي ٽريننگ ڪندڙ ٽرينرن ئي صحيح ٽريند ٿيل ناهي ۽ اڪثر استاد وري انهن جڳاڙي ٽرينرن وٽ ٻه ناهن پڙهيل .استاد ٿيڻ هڪ تمام گهڻو مشڪل ۽ چئلينجنگ مسئلو آهي . خاص ڪري پرائمريءَ جي ٻارن کي پڙهائڻ — هتي پڙهائڻ مان منهنجي مراد سچ ۾ پڙهائڻ آهي ، مٿان ڪير خوش فهميءَ ۾ پئجي وڃي–ان لاءِ ضروري آهي ته استاد کي سبجيڪٽ جي فطرت ، گهرائين، ۽ سبجيڪٽ جي دائري ۾ رهي ڄاڻ منتقل ڪرڻ جو فن ۽ مهارت هجڻ گهرجي .
سموري نظام جي مشينريءَ کي سزا، گريڊن، مارڪن، ڪامپيٽيشن،پاس ناپاس جي اوزارن ساجوڙو ويو آهي ۽ تعليم ڏانن جو انڌو اعتماد آهي ته شاگردن ۾ سمجهڻ جو تحرڪ پيدا ڪرڻ لاءِ پيو ڪو متبادل آهي ئي ڪون!!– حالانڪ تجربو ان جي بلڪل ابتڙ ٻڌائي ٿو ٻار سٺين مارڪن جي لالچ ۽ پاس ناپاس يا سزا جي خوف سبب ڄاڻ جو جيڪو رٽو هڻي ٿو اهو امتحان گذرڻ کان ڇهه ماهي گذرڻ بعد شاگرد جي ذهن مان ئي نڪريو وڃي جڏهن ته تعليم ڏانن درجي بدرجي معلومات کي هڪ ٻئي مٿان سٽي نصاب جي ترتيب انهيءَ فلسفي تحت ڏني آهي ته ٻار پوئين معلومات آئيندهه ڪلاسن ڏانهن منتقل ڪندو،۽ سموري نظام مان وري اميد اها آهي ته ٻار اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سکيل ڄاڻ کي عملي زندگيءِ ڏانهن منتقل ڪندو ، پر اهو ڪيتري قدر ٿئي ٿو ؟–سڀ ڪو ڄاڻي ٿو.

آئيڊيل استاد اهو آهي جيڪو ڪوبه سبجيڪٽ پڙهائڻ کان اڳ شاگردن جي سوچ کي انهيءَ سبجيڪٽ جي دائري ۾ ٻيهاري پوءِ انهن کان پڇي ته توهان ڇا ٿا سکڻ چاهيو؟ ٻار جيڪي ٻه جواب ڏيندا اهي جواب لازمن ڪورس جي موضوعن سان لاڳاپيل هوندا پوءِ انهن کي کوليندو کولنيدو اچي ڪورس جي لاڳاپيل ٽاپڪن تائين پهچائي ائين شاگردن کي لڳندو ته ڄڻ هو ڪا ڪهاڻي پيا ٻڌن ظاهر آهي ته اهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن استاد سبجيڪٽ جي گهرائين کان واقف هجي ۽ کيس انهيءَ سنجيڪٽ جي دائري ۾ ڇا ڻ جي منتقليءِ جا اصول ۽ فن پڻ اچن، اهو ڪم ايترو آسان ناهي تنهن ڪري ضرورت انهيءِ ڳالهه جي آهي ته سرڪاري سطح تي انهي مسئلي کي انتهائي ترجيح تي رکيو وڃي ۽ سکيا جي عمل تي ٿيل جديد تحيقن جي تناظر ٽرينرن ۽ استادن جون ٽريننگون ٿيڻ گهرجن ۽ اهو ٽريننگون فقط روائتي ليڪچر ته هجڻ گهرجن جڏهن ته آئيندهه استادن جي ڀرتيءِ جو معيار بلڪل تبديل ڪرڻ گهرجي

اڄ ڪلهه سڌريل دنيا ۾ سکيا جي عمل تي ٿيل تحقيق جي نتيجن مطابق اسڪولن اندر نصاب، پڙهائڻ جي طريقن ۽ سکيا جي ماحول کي ترتيب ڏيڻ ۾ تبديلي آندي پئي وڃي ۽ هاڻي اسڪولن ۾"استاد مرڪوز" ماحول بجاءِ "ڄاڻ" ۽ "ٻارن" کي سکيا جي عمل جو مرڪز بڻايو پيو وڃي."ٻار مرڪوز" ماحول جو مطلب آهي ته ڪنهن به موضوع بابت پڙهائڻ کان ان موضوع بابت ٻار جي اڳئين ڄاڻ ۽ مفروضن کي نظر ۾ رکي پڙهايو وڃي ۽ سندس دماغ کي خالي دٻو نه سمجهيو وڃي، جڏهن ته ڄاڻ مرڪوز ماحول ۾ انهن ڳالهين تي توجهه ڏني ويندي آهي ته ڪلاس ۾ ڇا سيکاريو ٿو وڃي ؟ ڇو ٿو سيکا ريو وڃي ۽ اها خبر ڪيئن پئي ته شاگرد ڪيترو سکيو؟ اسڪولن ۾ سکيا جي ماحول کي ڪارآمد بنائڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته شاگردن ۾ توجهه، مشاهدو، يادگيري، ۽ سمجهڻ جون صلاحيتون بيدار ڪرڻ ۾ مدد ڏجي گڏوگڏ اهو پڻ لازمي آهي ته شاگرد پنهنجي سکيا جا ٽاگيٽ ٿاهين ۽ پنهنجي سکڻ جي ذميواري سنڀالين ۽ اهو سڀ ڪجهه ٻارن جي ڪلاس ۾ دلچسپيءَ سان شامل ٿيڻ کان سواءِ ممڪن ناهي .

سکيا جي تحقيق استادن کي تعليم جي ميدان ۾ ٻهه نوعيتي تضادن ۽ بيزاريءَ واري صورتحال کان پڻ مان آجو ٿيڻ ۾ مدد ڏئي ٿي . مثال طور هڪ تضاد هي آهي ته ٻارن کي بنيادي ڄاڻ مهيا ڪرڻ تي زور ڏجي يا سندن سوچڻ ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت کي اڀارڻ تي وڌيڪ زور ڏجي . سکيا جي تحقيق ٻڌائي ٿي ته اهي ٻئي ڳالهيون اهم آهن ڇو ته شاگردن جا ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ معلومات کي ترتيب ڏيڻ جا فن تڏهن ئي وڌيڪ معنا خيز ۽ ڪارآمد ٿيندا آهن جڏهن اهي سندن مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيتن سان ڳنڍيل هجن ۽ جڏهن شاگردن کي اهو سمجهايو وڃي ته اها معلومات ڇو، ڪئين، ڪاٿي ۽ ڪڏهن ڪارآمد آهي.جڏهن ته حقيقتن جي ڄاڻ کان سواءِ فقط سوچ، فهم ۽ تنقيد جا فن سيکارڻ سان شاگرد عملي مسئلا حل ڪري نه ٿو سگهي. هن وقت تحقيق جي صلاح اها آهي ته استاد جي ڪم بنيادي تبديلي آندي وڃي يعني استاد جو ڪم اهو نه هجي ته هو رڳو شاگرد ڄاڻ کي پنهنجي سمجهه سان گهڙي شاگرد ڏانهن منتقل ڪندو رهي بلڪ استاد جو ڪردار اهو هجڻ گهرجي ته هو شاگرد جي سکڻ ۽ سوچڻ جي انداز جي رهنمائي ڪري ته جيئن سائنس پڙهڻ سان سندس سوچ سائنسي بڻجي ۽ هو اسڪول کان ٻاهر عملي زندگيءِ ۾ به سائنسي نموني سان سوچي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي . بعني هاڻي پڙهائي جو حدف معلومات جي ڳولا ۽ ان جو استعمال آهي.

هن وقت تائين اسان وٽ استاد، تعليمي منتظم، لکاري، ڏاها تعليمدان ، صحافي ۽ ايٽريقدر جو تحقيقدان به تعليم جي انهن بنيادي مسئلن کي هٿي ڪري رڳو انتظام ، داخلا ۽ ٻارن جي اسڪول ڇڏڻ ۽ ٻين سطحي مسئلن تي وڌيڪ زور ڏنو ويندو آهي جڏهن ته دنيا عظين تعليمي فلسفين ؛ رسل، وائيٽ هيڊ، ڊيوي، فراري، گيريبوڪس مطابق تعليم جي مقصدن ۽ حدفن جو تعين اولين ترجيح جو ڪم آهي ان تي ڌيان ڏيڻ کانسواءِ فقط ٽٽل ڦٽل سسٽم جي سنهن ٿلهن مسئلن تي تحقيق ۽ تجديد جي راند کيڏڻ مئي جي "سنڌن" کي مکڻ هڻڻ برابر آهي

نصا ب ۽ پڙهائڻ جي طريقن کي اهڙي نموني ترتيب ڏيڻ گهرجي ته جيئن موجوده يادگيريءِ واري عمل کي مليل اهميت ختم ٿئي ۽ شاگردن کي تصوراتي سمجهه مهيا حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي.اسان جو موجوده نصاب ۾ بيترتيب حقيقتون بغير ڪنهن نشونمائي حدبنديءَ جي حساسيت سان هڪٻئي مٿان سٽي اڇلايون ويون آهن تنهن ڪري شاگرد ويچارو رٽوهڻن تي مجبور آهي ۽ ٻي ڳالهه ته امتحانن ۾ ٻهه اڪثر سمجهه بجاءِ يادگيريءَ جي پرک ڪئي ٿي وڃي جڏهن ته تجزياتي ، پيٽا، فرق ۽ درجيدندي ۽ تنقيدي جائزي وغيره جهڙا سوال تمام گهٽ شامل ڪيا ٿا وڃن ظاهرآهي ته شاگرانهيءَ شي تي زور ڏيندو جيڪا کانئس اڳتي پڇي ٿي وڃي پر ويچارو شاگرد ٻڌائيندو به ڇا هوته سڳو سال ميِل ڊگهي معلومات جي روڊ تي ڊوڙندو رهيو آهي جنهن جي گهرائي هڪ انچ به نه هئي . بهتر رٿا بنديءِ سان جوڙيل محدود موضوع گهرائي ۾ پڙهائڻ سان شاگرد موجوده اٺ ڪتابن جي وزن سبب جيڪو سکي ٿو ان کان وڌيڪ سکي وٺندو ڇو ته موضوعن جي گهرائي سندس داخلي تحرڪ کي اڀاريندي ۽ پوءِ سندس سکڻ لاءِ تحرڪ جو سبب لٿ ۽ ٿافي نه رهندو ۽ هو ازخود اهڙا سوال اٿارينيدو جن جا جواب هو پاڻ به ڳوليندو ۽ ٻين کان به پڇندو ۽ ائين استاد جو اصل ڪردار به اڀري سامهون ايندو يعني شاگرد جي سکڻ ۾ مدد ڪرڻ نه ڪي سندس دماغ کي ڊسٽ بن سمجهي جيڪو وٽي سو ان ۾ سٽڻ شاگرد جي دماغ ۾

پيدا ٿيل سوالن جا جواب ملڻ ۾ مثال پهه مهينا لڳا ته هو موجوده ميل ڊگهي نصاب جي نصبت ۾ ڪافي وڏيڪ سکي ويندو ۽ سندس اها سکيا سمجهه وا ري سکيا هوندي ۽ ان سان گڏ وٽس ڪافي سکڻ جو ن حقمت عمليون پڻ اچي وينديون

ٻارن ۾ رٽڻ جي عادت پيداڪرڻ بجاءِ کين سمجهه حاصل ڪرڻ لاءِ اتساهيو وڃي چو ته رٽيل ڄاڻ کي ماڻهو ٻڌائي ته سگهي ٿو مگر عملي زندگيءَ ۾ ان کي استعال نه ٿو ڪري سگهي .استاد کي گهرجي ته هو وڌ کان وڌ محنت شاگردن جي سوچڻ جي انداز تي ڪري ائين ڪرڻ سان شاگرد نه صرف ڪلاس ۾ سکندو پر هو هر جاءِ ۽ هر محفل ۾ سکندو رهندو . پر جيڪڏ جيڪڏهن استاد پنهنجي پڙهائڻ جي طريقي ۾ شاگرد سان ڊسڪس ڪرڻ بجاءِ حاڪمانه رويو اختيار ڪندو ۽ سندس دماغ خالي ٻوري سمجهي ان ۾ پوسو پريندو ويندو ته شاگرد جون تنقيقي، تخليقي صلاحيتون دٻجي وينديون ۽ کيس اسڪولي معلومات ۽ سرگرميون معنا خيز نه لڳنديون ۽ پوءِ هو ويچارو روياتي ماهرن پاران ڪتن تي ڪيل تحقيق کي ڪلاس ۾ ٻارن تي لاڳو ڪري کين ڪلاسن ۾ واڙي سزا ۽ جزا فارمولن تحت ۽ حسد جي پيداوار غير انساني جزبي چٽاپيٽي يعني COMPITATION کي سندن سکڻ جو محرڪ بڻايو ويو آهي بجاءِ جو ٻار جي سکڻ بابت اندروني تڙپ کي اڀارجي . اسان ڪن غليظ ترين لفظن کي ايتو ته پاڪيزا بڻائي ڇڏيو آهي جو انهن خلاف ٻڌڻ لاءِ ڪو تيار ئي ناهي استاد سري عام چوندا ٿا وٽن ته اسان ٻارن ۾ ڪامپيٽيشن ٿاپيدا ڪريون چو ته مارڪيٽ ۾ ڪامپيٽيشن آهي !! ـ. پو ۽ کين رشوتخوري ، ٺڳي ، ۽ دوکي بازي بهه سيکاريو مارڪيٽ اهي شيون عام جام ۽ ڪاميابيءَ جي ضمانت آهن.وري ٻيا پيا چوندا اسان جو وڌ کان وڌ زور ان ڳالهه تي آهي ته ٻار ۾CONFIDENCE پيدا ڪريو ن ٻارن ويچارن کي ڪيترين ئي ڳالهين ۾ بي اعتمادي پوءِ بهه کين پر اعتماديءجي ستي آئي پئي هوندي . اها ڳالهه ته کين ڪو ڄاڻو ئي وڃي ڏسي ته اهو اعتماد سمجهه حاصل ڪرڻ جي راه ۾ ڪيڏي وڏي رڪاوٽ ٿو وجهي ، جوابن، نتيجن ۽ تي بي اعتمادي ۽ شڪ توهان کي سکڻ لاءِ اتساهيندو آهي ۽ ماڻهوءَ ۾ تنقدي، تخليقي سائنسي سوچ ايرندي آهي پر اعتماد هجڻ يا ٿيڻ بذات خود ڪا بري ڳالهه ناهي پر گهرائي، وسعت ۽ پروڙ گهرائي ۽ کان ڇسو اعتماد جيڪو اڳ ڪالهه ڪاليجي بارن ۾ ڄاڻ بابت حاصل ڪرايل آهي اهو سندن پروڙ جي راه ۾ رڪاوٽ آهي ٻار جي ذهن ۾ موضوعنۦ ڄاڻ بابت اعتماد بجاءِ سوال ۽ مونجهارا پيدا ڪرڻ گهرجن ته جيئن هو انهن ي حل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ سکيا عمل کي اڳتي وڌائيندو رهي .

اڄ توهان تعليم جي پاليسي جوڙيندڙن کان وٺي ، انتظام سنڀاليندڙن، تعليمدانن، استادن ، شاگردن توڙي والدين ۽ تعليم تي ڪم ڪندڙ ڪندڙ ٻين ڌرين يافردن سان تعليم بابت گفتگو ڪندئو ته انهن ما ن اڪثر ماڻهن جي ڳالهين مان واضح نموني خبر پئي پوندي ته وٽن تعليم جي تشريح ۽مقصد فني مهارتون ۽ مخصوص رويا حاصل ڪرڻ آهي ۽ استادن پاران ٿو ڦيل پڙهائڻ جي طريقي جي خلاف بهه نظر نه ايندا. جيڪڏهن والدين يا ڪنهن استاد کان سڌي نموني بهه وڃي پڇبو ته پڙهجي چو ؟ ته چوندو باقي مال چاريندين چا ؟!!–تعليم فقط هنر ۽ فن سکڻ جو نالو ناهي پر تعليمي عمل ۾ فرد جي اخلاقي ، سماجي ۽ عقلي نشونما ٿيڻ لازمي آهي . ان ماڻهوءَ کي تعليم يافتهه نه ٿو ڪوٺي سگهجي جنهن وٽ گهٽي ڄاڻ هجي ۽ جيڪو پڇيس ڦر ڦر پيو ٻڌائي پر تعليم يافتهه اهو آهي جيڪو پنهنجي ذهني نقشي ۽ زندگيءَ ۾ علم جي بنياد تي تبديلي اچي لطيف جي شعر وانگر ته ؛

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين ڪلوب ۾
پاڻان ڏوهه چڙهن، جيئن ورق ورائين ويترا

علم انسان کي سندس ذات جي گهرائين ۾ گهليندو آهي. لفظ تعليم جي معنا ئي پاڻ پروڙ آهي پر اڳ ڪلهه علم جون وڏيون ڊگريلن رکندڙن وٽن ڪامياب زندگيءَ جو تصور سچائيءَ ستائيءَ، انصاف، حق ۽ سادگيءَ بجاءِ پئسو، قوت، لذت ۽ شهرت آهي. ڇا اسان جنهن ٽريننگ کي تعليم چئو ن ٿا اهو اسانجو لفظن جو صحيح استعمال آهي؟ فلسفياڻي بحث ۾ پوڻ جي تڪڙ ڪرڻ کان اڳ اچو ته ٿورو پنهنجي ماضي قريب جي تاريخ کي کوٽيون. نندي کنڊ تي انگريز ن جي حڪومت کان اڳ هتي اسڪول نالي جي ڪاشيءِ نه هئي ٻارن کي مئلم مسجدن ۾ ، گهرن ۾ يا مدرسن ۾ ديني، فلسفي ۽ منطق، ۽ رياضيءِ

وغيره جو علم سيکاريندا هئا انگريزن هتي اسڪولن نالي پڪن ڪمرن وارا ڪوٺا ٺاهرايا جن ۾ ڪي هاءِ اسڪول ٿائين جو درجو رکيندا هئا انهن مان پاس ٿيل شاگردن کي نظام ۽ نصاب جي ترتيب ڪاريءَ ذريعي هڪ فيڪٽري نما عمل وانگر گذاري هڪ پروڊڪٽ(شيءِ) وانگر ڪڍيو ويندو هو . انهن اسڪولن جو مقصد رياست لاءِ اهڙا ماڻهو پيدا ڪرڻ هو جيڪي رياست جي ذهن سا ن سوچي ۽ پنهنجي جسم سان ڪم ڪن . جڏهن پاڪستا ن ٺهيو ته تعليمي سرشتي جي انهيءَ ڪارخانائي طريقي کي جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو ويو .اڄ نه صرف تعليم ڪاروبار بڻجي چڪي آهي پر ساڳئي وقت اها ڪاروباري پڻ بڻجندي پئي پچي روز توهان کي اخبارن ۾ تعليمي ادارن جا اشتهار نظر مان گذرندا ته هيترا پئسا خرچ ڪري ڊگري حاصل ڪيو ۽ پوءِ هيترن پئسن واري نوڪري حاصل ڪيو! اهڙي تعليم ۾ برابريءَ واري دعوا ڪي ڪاٿي ڳوليون ؟

استاد کي ڪوبه موضوع پڙهائڻ وقت ان جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ گهرجي ، ان بابت مختلف مثال ڏين گهرجن ته جيئن موضوع بابت حقيقتن جي گهري ڄاڻ جو بنياد پئجي سگهي .گهڻن موضوعن کي مٿاڇرو پڙهائڻ بجاءِ گهڻ موضوعن کي گهرائي ۽ ۾ پڙهائڻ گهرجي ان بابت مختلف مثال ڏيڻ گهرجن ته جيئڻ موضوع بابت حقيقتن جي ڄاڻ جو مضبوط بنياد پئجي سگهي . گهرائيءَ ۾ پڙهائڻ سان انهيءَ سوضوع بابت اهم خيالن ۽ تصورن جي وضاحت ٿي سگهي ٿي ظاهر آهي ته استاد پا ٺمرادو ائين ڪرڻ لاءِ ايترو آزاد ناهي چو ته کيس نصاب جي طابع ڪيو ويو آهي پر گهٽ ۾ گهٽ کيس اهم موضوعن کي گهرائي ۽ ۾ پڙهائڻ گهرجي ..ڪنهن به موضوع کي گهرائيءَ ۾ پڙهائڻ لاءِ استاد کي نصاب کان ٻاهر به وڃڻو پوندو ته جيئن ان موضوع بابت روائتي ۽ غير روائتي خيالن جي ٻار کي خبر پئجي سگهي ، ائين ڪرڻ لاءِ پوين سالن جي ڪتا بن کي شامل ڪرڻ به ڪارآمد رهندو چو ته مواد جي ڊيگهه سبب پوين سالن جون اڪثر ڳالهي ٻار کان وسري ويندون آهن .

ويهين صديءَ جي وچ واري عرصي دوران نفسيات روياتي behaviorists نفسياتدانن جي نظرين تائين محدود هئي ۽ سکيا کي فقط خارجي ماحول سان لهه وچڙ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل ظاهري رويي جي دائري ۾ ڏٺو ويندو هو.پر ڪيترائي نفسياتدان رويي پسندن جي انهيءَ مٿاڇري نقطيءَ نگاهه سان متفق نه هئا ، سندن موقف هوته رويي پسند نفسيات کي فقط اڻ ڳنڍيل واقعن ۽ خارجي رويي ۾ جڪڙي ويٺا آهن جڏهن ته منظرن کي قل جي صورت ۾ ڏسڻ سان ئي صحيح منظر ڪشي ممڪن آهي . هنن سکڻ جي عمل کي سمجهڻ لاءِ انسان جي اندر ۾ جهاتي پائي، خارجي رويي بجاءِ انسان جي ذهني عمل تي غور ڪرڻ شروع ڪيو ٻين لفظن ۾ هنن سمجهڻ جي عمل کي سمجهڻ شروع ڪيو. روياتي ماهرن مطابق سکيا فقط انعام يا حاصلات جي لالچ ۽ سزا ۽ نقصان جي خوف جو نتيجو هئي پرتفهيمي نفسياتدانن مطابق ماڻهوءَ ۾ ڄاڻ جي اندروني خواهش ۽ تڙپ هوندي آهي ، ۽ سکندڙ جي انهي ۽ خواهش کي بيدار ڪرڻ گهرجي ۽ ڄاڻ کي سکندڙ لاءِ معني خيز بنائڻ گهرجي.تفهيمي نفسيات جي ماهر جان پيجيٽ انسان جي ذهني ارتقا جا چار مرحلا ٻڌايا (محسوساتي، ادراڪي، ٺوس عملي، ۽ روائتي عملي)هن مطابق ارتقاجي انهن مرحلن کي پڙهائڻ جي عمل سان ڳنڍيي سگهجي ٿو چو ته سکيا ڪڙيون ملائڻ ۽ نتيجا ڪڍڻ جي عمل ذريعي ٿيندي آهي .

گذريل ٽن ڏهاڪن کان ذهن ۽ دماغ تي ٿيندڙ جديد تحقيقي ڪم جي نتيجي ۾ اڄ اسان وٽ تعليمي عمل کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪافي مواد موجود آهي ۽ سکيا جي هڪ نئين"ٿيوري" وجود ۾ اچي رهي آهي جنهن وٽ نصاب، پڙهائڻ جي طريقن ۽ شاگردن جي ڪارڪردگي/ حاصلات جانچڻ جا بلڪل مختلف ۽ ڪارآمد طريقا موجود آهن .اڄ کان ٽيهارو کن سال اڳ ۾ ذهني عمل تي ٿيندڙ تحقيق ڏانهن تعليمدانن جو گهٽ توجهه رهيو پرهاڻي دنيا جي ترقي يافتا ملڪن ۾ تفهيمي سائنسدانن جي ڪم کي ادارتي تعليم کي بهتر بنائڻ لاءِ استعمال ۾ آندو پيو وڃي..

سکيا ۽ سکيل مواد جي مختلف صورتحالن ۾ استعمال تي ٿيل تحقيق سان اهڙا اصول دريافت ٿيا آهن جن جي مدد سان سکيا جي ماحول کي بهتر نموني سان ترتيب ڏئي سگهجي ٿو. علم الا نسان، ذهني نفسيات، ۽ سماجي نفسيات جي تحقيق انهيءَ ڳالهه کي واضح ڪيو آهي ته هر قسم جي سکيا جي عمل مختلف صورتحالن ۾ ٿيندو آهي جنهن ۾ مخصوص قسم جي سماجي ۽ ثقافتي اخلاقيات ۽ اميدون عمل پيرا هونديون آهن ۽ اهي صورتحالون سکيا ۽ سکيل مواد جي استعمال/۽ منتقلي تي زوردار نموني اثر اندوز

ٿينديون آهن . انساني دماغ جي سائنس پنهنجي تحقيق ۾ سکيا دوران دماغي عمل جي اصولن نشاندهي ڪئي آهي جنهن مان اهو واضح ٿيو آهي ته سکيا دوران دماغ جي ساخت ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙيون تبديليون ٿينديون آهن۽ مغزي ڏورين جا ڪنيڪشن ڪيئن ٺهندا ۽ جڙندا آهن . نامولود ٻارن ۾ سکيا جي عمل کي سمجهن جي طريقن ۽ سکيا دوران دماغ جي عمل و حرڪت کي ڏسڻ جي اوزارن جي ايجاد کان پوءِ هاڻي اسان اهو سمجهي چڪا آهيون ته ٻاروتڻ کان وٺي ئي دماغ ۾ سکيا ۽ سکيل مواد جي اڻ سکيا ڪيئن ٿيندي آهي ٻار يا وڏي کي ڪابه نئين ڄاڻ يا ڳالهه ڏبي ته هو ان کي سندس اڳيئن ڄان جي حساب سان ئي سمجهند و ۽ معنا ڪيندو آهي

هن ڪتانچي ۾ بيان ڪيل نفسياتي اصول سکيا جي عمل تي ٿيل انهن تحقيقن جي نتيجن تي ٻڌل آهن جن جو تعليمي نظام ۽ نصاب سان گهرو لاڳاپو آهي. انهيءَ تحقيق سان اسڪولن اندر نصاب، پڙهائڻ جي طريقن ۽ سکيا جي ماحول کي ترتيب ڏيڻ ۾ تبديلي آندي پئي وڃي ۽ هاڻي اسڪولن ۾"استاد مرڪوز" ماحول بجاءِ "ڄاڻ" ۽ "ٻارن" کي سکيا جي عمل جو مرڪز بڻايو پيو وڃي."ٻار مرڪوز" ماحول جو مطلب آهي ته ڪنهن به موضوع بابت پڙهائڻ کان ان موضوع بابت ٻار جي اڳيئن ڄاڻ، ۽ مفروضن کي نظر ۾ رکي پڙهايو وڃي ۽ سندس دماغ کي خالي دٻو نه سمجهيو وڃي، جڏهن ته ڄاڻ مرڪوز ماحول ۾ انهن ڳالهين تي توجهه ڏني ويندي آهي ته ڪلاس ۾ ڇا سيکاريو ٿو وڃي ؟ ڇو ٿو سيکا ريو وڃي ۽ اها خبر ڪيئن پئي ته شاگرد ڪيترو سکيو؟. هر اصول بابت تحقيق کي سهيڙي ۽ پوءِ ان مطابق ڪلاس جي ماحول ۾ سکڻ جي عمل کي ڪارآمد بنائڻ لاءِ تجويزون ڏنل آهن. جيتوڻيڪ هر اصول الڳ الڳ بيان ڪيو ويو آهي پر انهن سيني اصولن کي هڪٻئي سان لاڳاپي ۽ ڪل جي صورت ۾ ڏٺو وڃي ته وڌيڪ صحيح سمجهي سگهجي ٿو. اهي اصول تعليمي نصاب ۽ پڙهائڻ جي طريقن لاءِ تفصيلي ڍانچو مهيا ڪن ٿا اسڪولن ۾ سکيا جي ماحول کي ڪارآمد بنائڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته شاگردن ۾ توجهه، مشاهدو، يادگيري، ۽ سمجهڻ جون صلاحيتون موجود هجن گڏوگڏ اهو پڻ لازمي آهي ته شاگرد پنهنجي سکيا جا ٿاڳيٽ ٿاهين ۽ پنهنجي سکڻ جي ذميواري سنڀالين ۽ اهو سڀ ڪجهه ٻارن جي ڪلاس ۾ دلچسپيءَ سان شامل ٿيڻ کان سواءِ ممڪن ناهي . ڪيترن ئي تحقيقدانن مطابق سماجي شموليت هڪ اهم سرگرمي آهي جنهن ذريعي سکيا جي عمل کي هٿي ملي ٿي ، سماجي سرگرمي ۽ شموليت ننڍپڻ ۾ ئي شروع ٿيندي آهي، والدين ننڍڙن ٻارن سان ڳالهيون ڪندا آهن جن جي بنياد تي ٻار ۾ اهڙا رويا پيدا ٿيندا آهن جن ذريعي هو هڪ سماجي رڪن بڻجندو آهي. نفسياتدانن مطابق ٻار سندس اردگرد جي ماحول مان عادتون، سرگرميون ، لفظ ۽ خيال جذب ڪرڻ ذريعي سکندوآهي . اسڪولن ۾ هڪ گڏيل سڏيل هڪ ٻئي سان تعاون وارو ماحول ٻارن جي سکيا ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو ،گڏ ڪم ڪرڻ ذريعي ٻار کي سکيا ۾ مدد ملي ٿي . دلچسپ سماجي سرگرميون ٻار کي تعليمي عمل ۾ شامل ٿيڻ ۾ مدد ڏين ٿيون. ٻار تڏهن ئي سندن گهرو ڪم ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺندا آهن جڏهن کين خبر هوندي آهي ته اهو ڪم کين ڪلاس ۾ ٻين شاگردن يا استاد آڏو پيش ڪرڻو آهي انهيءَ ڳالهه مان اندازو اڳائي سگهجي ٿو ته ٻار جي ترجيح ڪلاس جو سماج هوندي آهي .

سکڻ جي عمل تي ٿيل تحقيق سان تعليم سان لاڳاپيل فردن جي ڪجهه ٻين مونجهارن جو پڻ حل مليو آهي مثال طور سيکارڻ جي مختلف طريقن اهو مونجهارو پيدا ڪيو ته ڪهڙو طيقو ٻين کان وڌيڪ ڪارآمد آهي؟ جڏهن ته سکيا جي تحقيق مطابق اهڙو سوال ئي غلط آهي اهو پڇڻ ائين آهي جيئن پڇجي ته واڍڪو ڪرڻ لاءِ ڪارائي اهم آهي ،هٿوڙو يا ڪاٽ؟- واڍڪي ۾ انهن سيني اوزارن جي چونڊ ضرورت مطابق ٿيندي آهي . مثال نئين ڄاڻ شاگردن تائين پهچائڻ لاءِ ڪتاب پڙهائڻ تمام ضروري آهي پر شاگرد جي موضوع بابت اڳيئن ڄاڻ معلوم ڪرڻ لاءِ ڪتاب پڙهائڻ سان ڪجهه به نه ٿيندو. يا تجربا ڪرائڻ ذريعي شاگرد جي عملي ڄاڻ کي ته هٿي وٺائي سگهجي ٿي پر ڪيس لکڻ جو فن هن ٿو سيکاري سگهجي مطلب ته انهن مان ڪوبه طريقو اڪيلي طور تي تصوراتي سمجهه پيدا ڪري نه ٿو سگهي جنهن سان ڄاڻ کي عملي زندگيءَ ۾ استعمال ڪري سگهبو آهي .سکندڙ لاءِ سندس سکيا جي خود نگراني ڪرڻ ،پنهنجي سکيا جا حدف مقرر ڪرڻ ۽ پنهنجون غلطيون پاڻ درست ڪرڻ ضروري آهي. خود انتظامي جو مطلب اهو آهي ته شاگردن کي سندن سکيا جي ذميواري سونپڻ گهرجي ته جيئن هو سمجهي سگهن ته هو ڪهڙيون غلطيو ن ڪن ٿا ۽ انهن کي ڪيئن درست ڪرڻ گهرجي

. خود انتظامي ٻه تقريبن ذهني حڪمت عمليون جوڙڻ وانگر ئي آهي فرق صرف ايترو آهي ته ذهني حڪمت عمليون سکڻ ذريعي ٻار مختلف مسئلا انهن پٺيان ڪارفرما اصولن کي سمجهڻ کان سواءِ ئي حل ڪري سگهي ٿو جڏهن ته خود انتظامي ذريعي شاگرد اهڙيون حڪمت عمليون جوڙي ٿو جن ذريعي کيس سندس سکيا کي پرکڻ ۾ مدد ملي ٿي ۽ هو پنهنجي سمجھ کي سمجهي سگهي ٿو۽ پنهنجون غلطيون درست ڪري سگهي ٿو

خود انتظاميءَ لاءِ شاگرد کي پيهر سوچ ويچار ڪرڻ جي ضرورت پوي ٿي ته هن وقت منهنجا عقيدا ڪهڙا آهن ۽ مان ڪهڙيون ذهني حڪمت عمليون استعمال ڪري رهيوآهيان .ٻار ۾ اهڙي سوچ ويچار بحث مباحثي ۽ مضمون لکڻ ذريعي پيدا ٿي سگهي ٿي جنهن ذريعي ٻار پنهنجي راءِ ۽ ذاتي خيالن جو اظهار ڪري سگهندو آهي .سوچ ويچار جو هڪ اهم پهلو اهو به آهي ته عام خيالن ۽ سائنسي ڄاڻ ۾ فرق ڪرڻ اچي . تحقيق مان اها ڳالھ به واضح ٿي وئي آهي ته شاگرد جي وڌ کان وڌ حاصلات ۽ کين پنهنجي سکيا جي خود نگراني, رٿابندي ۽ ڀاڻ کي پڙهاڻ جا طريقا سيکارڻ لازمي آهي ته جيئن هو ڪتابن مان ڄاڻ جي روائتي رٽي هڻڻ بجائي ڄاڻ جي ڳولاءِ ۽ ان جي استعمال بابت سوچي .استاد جڏهن واضح ڪندوآهي ته سبق ۾ شامل نيون ڳالهيون پوين ڳالهين سان ڪهڙي ء ربت ڳنڍيل آهن شاگرد وڌيڪ گهرائيءَ سان شين کي سمجهي ۽ ياد ڪري سگهندو آهي. استاد کي سبق ۾ موجود اهم ڳالهين ڏانهن شاگردن جو ڌيان ڇڪائڻ گهرجي ڪوبه اصول سبق يا مواد درجي بدرجي هڪٻئي سان ڳانڍاپي ۾ پڙهائڻ سان شاگرد صحيح تصوراتي ڍانچو جوڙي سگهندو آهي ۽ منجهس سکڻ جو اتساھ پڻ وڌندو آهي پر جيڪڏهن شاگرد کي مختلف حقيقتون ۽ ڳالهيون الڳ ڪري غير لاڳاپيل نموني رٽائيون ويندديون ته هو انهن کي صحيح سمجهي ناهي سگهندو نتيجتن سندس دلچسپي گهٽجندي ويندي آهي. پڙهائڻ سان گڏوگڏ ٻار تي اهو پڻ واضح ڪرڻ گهرجي ته هن ڇا ۽ ڪيترو سکيو آهي ۽ کيس اڃتي ڪهڙو مواد ڪيترو ۽ ڪيئن سيکاريو ويندو.. ائين ڪرڻ سان شاگرن سندس سکيا جا حدف ۽ حدون مقرر ڪري سگهندو آهي

شاگردن کي خود هدايتي ، ڀاڻ کي پڙهائيندڙ پنهنجي سوچ جي نگراني ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ سان شاگرد وڌيڪ آزاد ۽ چست سکندڙ ٿئي ٿوجنهن سبب هو وڌيڪ حاصل ڪري ٿو ۽ اڳتي هلي سچي زندگي سکندڙ رهي ٿو . سڌي ربت پڙهائڻ لاءِ استاد جيڪي قدم کڻندو آهي (جيئن ڄاڻ جي رٿابندي ڪرڻ ,يعني ڪهڙي مواد کي ڪيترو ٽائيم ڏجي, سکيا جو ڪاٿو لڳائڻ يعني يعني اهو پرکڻ ته شاگرد ڪيترو سکيو آهي )اهي فن آهستا آهستا شاگرد کي سيکارڻ سان هو سندس ذهن کان آگاھ ٿيندو آهي ته سکيا دوران سندس ذهن ۾ ڇا وهي واپرڙي رهيو آهي ۽ اهڙ ي نموني هو بهتر سکندڙ بڻبو آهي . اڪثر شاگردن کي اها اندر جي ڄاڻ ناهي هوندي تنهنڪري شاگردن کي سکيا 'جي نگراني ڪرڻ جو فن سيکارڻ لازمي آهي .

شاگردن ٻاران سکيا دوران سندن سوچ ۽ سمجھ جي نگراني ڪرڻ سان سندن حاصلات اضافو ٿئي ٿو. شاگردن ۾ سندن سمجھ جي نگراني ء کي هٿي وٺائڻ لاءِ سڀ کان وڌيڪ آسان طريقو ڪلاس ۾ بحث مباحثا ڪرائڻ آهي ڪڏهن ڪڏهن شاگرد بغير ڪنهن رهنمائيءَ جي هڪ ٻئي سان بحث مباحثو ڪندا آهن ته ڪڏهن وري استاد سندن رهنمائي ڪندو آهي ڪلاس ۾ تدريسي بحث ڪرائڻ جو مقصد اهو هوندو آهي ته هو سوالن جوابن جي مشاهدي ۽ سوال ڪرڻ سان هو سندن سوچ سمجھ جو تنقيدي مشاهدو ڪرڻ جي لائق بڻجندا آهن ۽ هو سندن سکيا جي نگراني ڪرڻ سکي وٺندا آهن مثال طور شاگرد بورڊ تي ڪو حساب حل ڪري ۽ پو گڏجي سڏجي ان حساب جي حل ڪرڻ جي ٻين ممڪنا طريقن تي بحث ڪري سگهن ٿا .ائين ڪرڻ سان فقط فارمولن جي فٽنگ کان هٽي ڪري هو وڌيڪ گهرائي ء ۾ سوچي ۽ سمجهي سگهندا آهن

ڪارآمد سکيا جو ماحول اهو آهي جيڪو شاگرد مرڪوز, ڄاڻ مرڪوز, پرک مرڪوز ۽ گروھ مرڪوز هجي انهن مختلف ماحولن جا مرڪز ۽ حدف مختلف آهن پر ساڳئي وقت اهي سيئي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن تنهن ڪري انهن سيني جو هجڻ پڙهائڻ جي بهتر ماحول جي نشاندهي ڪري ٿو . گروھ مرڪوز ماحول ۾ شاگردن جي گروهي مشغولين ۽ بحث مباحثي کي همٿايو ويندو آهي ان ماحول هجڻ

ڪري شاگردن ۾ سندن سوچ ۽ سمجھ جي خود نگراني وڌي ٿي .ڪلاس ۾ بحث مباحثي کي همٿائڻ سان ساڳئي وقت سکيا جي عمل کي هٿي ملي ٿي ان ڳالھ جو مطلب اهو ناهي تھ سيکارڻ لاءِ ليڪچر هڪ بهتر طريقو ناهي پر بحث مباحثي جو مقصد ڪين سوچرائڻ ۽ ڪين سکيا جي نگراني ۽ لاءِ همٿائڻ ۽ ڪين خود هدايتي بنائڻ آهي چوتھ شاگرد ۾ تنقيدي سوچ اپارڻ جا مکيھ عنصر ڪنهن بھ هڪ پڙهائڻ جي طريقي سان ممڪن ناهن هوندا، اصل ۾ جڏهن استاد کي مٿين سيني سکيا جي اصولن ۽ سکڻ جي عمل جي گهرائيءَ سان ڄاڻ هوندي آهي تھ هو پاڻ اهڙا طريقا جوڙي وٺندو آهي جيڪي بهتر سکيا جي مکيھ عنصرن کي اپاريندا آهن

سکيا جي تحقيق استادن کي تعليم جي ميدان ۾ ٻھ نوعيتي تضادن ۽ بيزاريءَ واري صورتحال کان پڻ مان آجو ٿيڻ ۾ مدد ڏئي ٿي . مثال طور هڪ تضاد هي آهي تھ ٻارن کي بنيادي ڄاڻ مهيا ڪرڻ تي زور ڏجي يا سندن سوچڻ ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت کي اپارڻ تي وڌيڪ زور ڏجي . سکيا جي تحقيق ٻڌائي ٿي تھ اهي ٻئي ڳالهيون اهم آهن چو تھ شاگردن جا ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ معلومات کي ترتيب ڏيڻ جا فن تڏهن ئي وڌيڪ معنا خيز ۽ ڪارآمد ٿيندا آهن جڏهن اهي سندن مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيتن سان ڳنڍيل هجن ۽ جڏهن شاگردن کي اهو سمجهايو وڃي تھ اها معلومات چو، ڪئين، ڪاٿي ۽ ڪڏهن ڪارآمد آهي.جڏهن تھ حقيقتن جي ڄاڻ کان سواءِ فقط سوچ، فهم ۽ تنقيد جا فن سيکارڻ سان شاگرد عملي مسئلا حل ڪري نھ ٿو سگهي

**مجاهد حسين شاھ**

**پهرين جولا 2007 ڪراچي**

# سکيا جو ماحول

سکڻ جي عمل دوران سکندڙ جي چست ۽ تعميري نموني مبتلا هجڻ سان سکيا جو عمل ڪارآمد ٿيندو آهي .اسڪولي ماحول ۾ بهتر سکيا حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هوندو آهي ته شاگرد توجهه، غورويچار، مشاهدي، يادگيريءَ ۽ سمجهه تي زور ڏين ۽ پنهنجي سکيا جي ذميواري محسوس ڪندي پنهنجي سکيا جا حدف/ ٽارگيٽ مقرر ڪن. ظاهر آهي ته اهي اعليٰ ذهني سرگرميون شاگردن جي ڪلاس ۾ ذهني طور حاضر دماغ رهڻ ڪانسواءِ ممڪن ناهن تنهنڪري استاد کي گهرجي ته هو شاگردن کي سکيا جي عمل دوران چست ۽ متحرڪ رکن. استادن جو ٻارن جي سکيا ۾ رهنمائي ڪرڻ وارو ڪردار هجڻ گهرجي ۽ سندس مقصد اهو هجي ته هو ٻار کي نفسياتي طور ايترو بااختيار، باصحيت ۽ پر اعتماد ٿيڻ ۾ مدد فراهم ڪري ته جيئن هو سندس سکيا جا حدف/ ٽارگيٽ جوڙي انهن مطابق سکڻ لاءِ عملي قدم کڻي سگهي ٻار ۾ سکڻ جو اتساهه ۽ تحرڪ پيدا ڪرڻ لاءِ "ڏنڊي ۽ ٽافيءَ" _ "چماٽ ياشاباس" _ ناڪاره ۽ مدي خارج ٻڌجي چڪو آهي فنسياتي تحقيقن ڄاڻ، سمجهڻ ۽ نين شين جي کوجنا ڪرڻ کي ٻارن جي فطري خواهش ثابت ڪيو آهي . هاڻي اهو سوال ڪرڻ ئي اجايو ٿو ڪوٺيو وڃي ته "ڪهڙو ٻار پڙهائيءَ ۾ هوشيار آهي؟" اڄ جي دور جو سوال اهو آهي ته"ڪهڙو ٻار ڪيئن هوشيارآهي ؟" جيڪو ٻار انهيءَ سوال جي دائري ۾ نه ٿو اچي ته ان لاءِ وري اهو نفسياتي سوال اٿاريو ٿو وڃي ته "اهو ٻار ڇو هوشيار ناهي!؟

## استعمال

ٻارن جي سکڻ جي عمل ۾ حاضر دماغيءَ لاءِ لازمي آهي ته سکيا جو هڪ اهڙو ماحول ترتيب ڏنو وڃي جيڪو سندن چست شموليت کي يقيني بڻائي . اهڙو ماحول ترتيب ڏيڻ لاءِ ڪجهه صلاحون هيٺ ڏجن ٿيون .

- اهڙي صورتحال کان پاسو ڪيو وڃي جنهن ۾ شاگرد دير تائين خاموشيءَ سان صرف ٻڌندا رهن. شاگردن کي دلچسپ تجرباتي ۽ مشاهداتي سرگرمين ۾ ملوث رکڻ گهرجي ۽ کين اهڙو ڪم ڏنو وڃي جنهن ۾ هو پنهنجي سوچ استعمال ڪن.
- ڪلاس ۾ بحث مباحثي ۽ گروهي سرگرمين کي همٿائڻ گهرجي .

- شاگردن کي سنڌن سکيا بابت ڪجھ اختيار ڏنو وڃي تہ جيئن هو پنهنجي سکيا جي ذميواري سنڀالڻ طرف وڌن .سکيا جي اختيار جو مطلب اهو آهي تہ کين اهو فيصلو ڪرڻ جي چونڊ هجي تہ کين ڇا ۽ ڪيئن سکڻو آهي.
- شاگردن کي سکيا جا حدف( ٽارگيٽ ) مقرر ڪرڻ ۾ مدد ڏني وڃي جيڪي سنڌس دلچسپي ۽ خواهش مطابق هجن .

# سماجي شموليت

سکيا بنيادي طور هڪ سماجي سرگرمي آهي تنهنڪري ٻار جو اسڪول جي سماجي زندگي ۾ حصو وٺڻ سکڻ جي عمل لاءِ مرڪزي اهميت رکي ٿو ڪيترن ئي تحقيقدانن مطابق سماجي شموليت هڪ اهم سرگرمي آهي جنهن ذريعي سکيا جي عمل کي هٿي ملي ٿي ، سماجي سرگرمي ۽ شموليت ننڍپڻ ۾ ئي شروع ٿيندي آهي، والدين ننڍڙن ٻارن سان ڳالهيون ڪندا آهن جن جي بنياد تي ٻار ۾ اهڙا رويا پيدا ٿيندا آهن جن ذريعي هو هڪ سماجي رڪن بڻجندو آهي. نفسياتدانن مطابق ٻار سندس اردگرد جي ماحول مان عادتون، سرگرميون ، لفظ ۽ خيال جذب ڪرڻ ذريعي سکندوآهي . اسڪولن ۾ هڪ گڏيل سڏيل هڪ ٻئي سان تعاون وارو ماحول ٻارن جي سکيا ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو ،گڏ ڪم ڪرڻ ذريعي ٻار کي سکيا ۾ مدد ملي ٿي . دلچسپ سماجي سرگرميون ٻار کي تعليمي عمل ۾ شامل ٿيڻ ۾ مدد ڏين ٿيون. ٻار تڏهن ئي سندن گهرو ڪم ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺندا آهن جڏهن کين خبر هوندي آهي ته اهو ڪم کين ڪلاس ۾ ٻين شاگردن يا استاد آڏو پيش ڪرڻو آهي انهيءَ ڳالهه مان اندازو اڳائي سگهجي ٿو ته ٻار جي ترجيح ڪلاس جو سماج هوندي آهي .

## استعمال

هيٺين ڳالهين تي عمل ڪرڻ سان استاد ٻارن جي ڪلاس جي سماج ۾ شموليت وڌائڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو

- ٻارن کي گروهي مشغوليون ۽ ڪم ڏنا وڃن جن ۾ هو هڪ ٻئي سان سهڪار ڪن ۽ استاد کي سندن رهنمائي ڪرڻ گهرجي.
- استادن کي ڪلاسن ۾ اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ شاگرد آسانيءَ سان پنهنجي راءِ پيش ڪري سگهن ۽ ٻين جي راءِ تي غور ڪري سگهن .
- سماجي شموليت جو هڪ پهلو هي به آهي ته اسڪولن کي ٻاهر جي ماحول سان ڳنڍيو وڃي، ائين ڪرڻ سان ٻارن ۾ ڪلاس اندر ۽ ڪلاس کان ٻاهر سماجي شموليت جو مادو وڌي ٿو .اسڪولن کي ٻاهر جي دنيا سان ڳنڍڻ جو مقصد اهو آهي ته سبق سمجهائڻ وقت ٻارن کي عملي زندگيءَ مان مثال ڏيڻ گهرجن ۽ کين اهڙو ڪم ڏنو وڃي جنهن سان هو ٻاهرئين سماج سان لهوچڙ ۾ اچن.

# معنيٰ خيز سرگرميون

ماڻهو بهتر نموني تڏهن سکندا آهن جڏهن هو اهڙيون ڳالهيون پڙهائيون وڃن جيڪي سندن خيال موجب حقيقي زندگيءَ لاءِ ڪارآمد/ ڳنڍيل هجن ۽ ثقافتي طور لاڳاپيل هجن. ڪيترين ئي اسڪولي سرگرميون تيستائين ٻارن لاءِ معنا خيز ناهن هونديون جيستائين کين اها خبر ناهي هوندي ته هو ڇا ۽ ڇو پڙهي رهيا آهي/ ڪري رهيا آهن ، ان ڪم/ سبق جو مقصد ۽ اهميت ڪهڙي آهي ؟ . ڪڏهن ڪڏهن اسڪولي سرگرميون انهيءَ ڪري ٻارن کي بي معنا لڳنديون آهن ڇو ته اهي مقامي ثقافت سان نسبت ۾ ناهن هونديون يعني ٻار کي جيڪو ڪجهه پڙهايو ويندو آهي اهو سندس روز مره جي مشاهدي ۾ موجود ناهي هوندو . ٻار کي اهو سمجهائڻ پڻ ضروري آهي ته جيڪو کين پڙهائيو ٿو وڃي اهو حقيقي زندگيءَ ۾ ڪيئن استعمال ڪري سگهجي ٿو ۽ ان ڄاڻ سان ٻاهرجي عملي زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ ڪهڙا مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا. مثال طور جراثيمن بابت سبق کي اهڙي نموني حقيقي زندگيءَ مان مثال ڏئي سمجهائڻ گهرجي ته جيئن ٻار انهي ڄاڻ کي معنا خيز سمجهي ۽ منجهن سکڻ جي عمل ۾ دلچسپي پيداٿيندا ٿئي ۽ هو ڄاڻ کي بهتر نموني سمجهي سگهي .

## استعمال

استاد اسڪولي سرگرمين کي صحيح متن ۾ ڪرڻ ذريعي معنا خير بنائي سگهن ٿا. صحيح متن جو هڪ مثال هي آهي ته سرگرميءَ کي حقيقي زندگيءَ/ صورتحال ۾ سر انجام ڏنو وڃي مثا ل طور تقريرن ذريعي ٻار سندس گفتگوءَ ۽ تقرير جي فن کي سڌاري سگهي ٿو ۽ هو سندس خوش خطيءَ کي چارٽ ٺاهڻ ذريعي بهتر بڻائي سگهن ٿا. ٻارن ۾ لکت جي فن پيدا ڪرڻ لاءِ انهن کان مختلف موضوعن تي مضمون لکرائڻ گهرجن زراعت سمجهائڻ لاءِ کين ٻوٽن جو عملي مشاهدو ڪرايو وڃي ۽ جيتري قدر ممڪن هجي کين عملي ۽ تجرباتي طور سيکاريو وڃي.

# ڄاڻ جي هم آهنگي

ڪابه نئين معلومات، انهيءَ موضوع بابت ٻار وٽ اڳواٽ موجود ڄاڻ ، سندس مفروضن ۽ تصورن مٿان جڙندي آهي. ٻار اسڪول ۾ داخل ٿيڻ وقت پاڻ سان دنيا بابت مفروضاتي ڄاڻ کڻي ايندو آهي. اها ڳالهه ڪا نئين ناهي ته ٻار جي سکيا جو عمل ڪنهن به مواد بابت سندس اڳئين ڄاڻ کي اڳتي وڌائڻ ذريعي ٿيندو آهي. پر نئين تحقيق اها ڳالهه واضح ڪري ڇڏي آهي ته ڪوبه ماڻهو اهڙي ڄاڻ هرگز سکي ناهي سگهندو جيستائين ان موضوع بابت کيس اڳواٽ صحيح يا غلط تصور يا ڄاڻ موجود نه هجي . ڪابه ڄاڻ منتقل ڪرڻ کان اڳ انهيءَ موضوع بابت ٻار جي اڳئين ڄاڻ کي ضرور معلوم ڪرڻ گهرجي پر. ٻار جي اڳئين ڄاڻ تيستائين ڪارآمد ناهي ٿيندي جيستائين ان کي تحرڪ ۾ آڻي استعمال جوڳو نه بڻايو وڃي تحقيق اها ڳالهه به واضح ڪئي آهي ته شاگرد لڳاتار نئين معلومات کي سندن اڳ موجود ڄاڻ سان لاڳاپي ۾ ناهن ڏسي سگهندا تنهن ڪري سيکاريندڙ کي گهرجي ته هو اهڙي لاڳاپي کي جوڙڻ ۾ ٻار جي مدد ڪن.۽ ان سان گڏ سکندڙ جي اڳ موجود ڄاڻ تي توجهه ڏيڻ پڻ ضروري آهي .استاد جيستائين ڪنهن به موضوع بابت ٻار جي سمجهه کي ناهي پرکيندو تيستائين ٻار نئين ڄاڻ بابت خاڪا جوڙي ناهي سگهندو . جيتوڻيڪ ڪلاس ۾ پڙهائڻ لاءِ ٻار انهيءَ ڄاڻ جو رٽو ته هڻندو آهي پر ڪلاس کان ٻاهر هو انهن موضوعن بابت سندس مفروضاتي ڄاڻ تي ئي ڀاڙيندو آهي.

تاريخ جي سبجيڪٽ ۾ شاگردن وٽ عام مفروضو اهو هوندو آهي ته تاريخي تبديلي ڪنهن وڏي واقعي جو نتجو هوندي آهي جڏهن ته تاريخدان تاريخي تبديلي ء کي مختلف واقعن ۽ معاملن جي تسلسل جو نتيجو سمجهندا آهن. جنهن جيَ جي پٺيان سببن جو هڪ تسلسل ڪارفرما هوندوآهي. جيتوڻيڪ شاگردن کي پڻ اهڙو مشاهدو ضرور هوندو آهي ته حالات آهستي آهستي تبديل ٿينداآهن پر شاگردن جي انهن تجربن کي متحرق ۽ ياداشت ۾ تازو ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي مثال شاگردن کي اهو تجربو هوندو آهي ته راند جي ٽيم جي ڪارڪردگيءَ ۾ سڌارو اوچتو نه ايندو آهي پر اهو مرحلي وارٽيم جي مشق ۽ تجربي جو نتيجو هوندو آهي تنهن ڪري استاد کي گهرجي ته هو. پڙهائڻ وقت لاڳاپيل موضوع بابت شاگردن جي اهڙن سوين تجربن کي استعمال ڪري، انهن مان مثال ڏئي ۽ نئين معلومات کي انهن مثالن سان ڳنڍي پيش ڪري. رياضيءَ ۾ شروعاتي ڪلاسن جا شاگرد هر عددکي سڄو عدد سمجهندا آهن ۽ ڪين ايڪن ڏهاڪن ڏهائي ء ۽ ڀاڱي جو صحيح تصور سمجهه ۾ ناهي ايندو. شاگردن جي اهڙي تصوراتي ڍانچي کي راتو رات تبديل ڪري نه ٿو سگهجي پر ان لاءِ کين گهرائيءَ ۾ سمجهائڻ لازمي آهي مثال کين ڏهه ماچيس جون تيليون ٻڌي سمجهائي سگهجي ٿو ته هي هڪ ڏهاڪو آهي ۽ هڪ تيليءَ کي ٽي

ٿڪر ڪري سمجهائي سگهجي ٿو ته هي 3/1آهي . سائنس ۾ شاگردن جي اڳئين ڄاڻ تي ڀاڙڻ مشڪل هوندو آهي ڇو ته سائنسي اصولن بابت ٻارن جو تجربو اڪثر ڪري غلط هوندو آهي

## ڪلاس ۾ استعمال

ٻارن کي خالي دٻو سمگهڻ واري تصور کي ختم ڪرڻ گهرجي ۽ استاد کي گهرجي ته هو ڪلاس ۾ اهڙو ماحول ۽ سرگرميون ترتيب ڏئي جن سان ٻارن جي سوچ ۽ خيالن کي معلوم ڪري سگهجي ۽ پوءِ سندن ذهن مطابق ڄاڻ کي منتقل ڪرڻ گهرجي استادن کي شاگردن جي اڳئين ڄاڻ کي متحرڪ بنائي نئين ڄاڻ سان ڳنڍڻ لاء هيٺين ڳالهين تي عمل ڪرڻ گهرجي

- ٻار کي خالي دٻو سمجهڻ واري تصور کي ختم ڪجي ۽ استاد کي گهرجي ته هو چستيءَ سان ٻار جي موضوع بابت اڳئين ڄاڻ کي دريافت ڪري ان لاءِ ڪيس اهڙيون سرگرميون ترتيب ڏين گهرجن جن سان ٻار جي ڄاڻ کي معلوم ڪري سگهجي ۽ پوءِ ان تي نئين ڄاڻ جو بنياد رکڻ گهرجي .
- ڪو به سبق پڙهائڻ کان اڳ يا ڪابه ڳالهه سيکارڻ کان اڳ شاگردن کي ان جو مول متن ٻڌائڻ گهرجي ۽ پوءِ شاگرد کان ان متعلق سندس خيالات معلومات پڇڻ گهرجن ته جيئن خبر پئجي سگهي ته ٻارن کي انهيءَ موضوع بابت اڳواٽ ڪهڙي ڄاڻ آهي ائين ڪرڻ سان ٻارن جي اڳئين ڄاڻ تحرڪ ۾ پڻ اچي ويندي آهي.
- استاد کي ڪوبه موضوع پڙهائڻ وقت ان جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ گهرجي ، ان بابت مختلف مثال ڏين گهرجن ته جيئن موضوع بابت حقيقتن جي گهري ڄاڻ جو بنياد پئجي سگهي .
- استاد جڏهن شاگردن اڳيان اها ڳالهه واضح ڪندو آهي ته نئين معلومات سندن اڳئين ڄاڻ سان ڪهڙو تعلق رکي ٿي تڏهن شاگرد سندن پراڻي ڄاڻ کي نئين معلومات سان ڳنڍيو سگهندا آهن ۽ اهڙي نموني هو آسانيءَ سان نئين ڄاڻ سمجهي سگهندا آهن. ساڳئي نموني پڙهائڻ وقت اهم نقطن جي وضاحت ڪين سبق جي اهم حصن کي سمجهڻ ۾ پڻ مدد ڏيندي آهي
- ڪنهن موضوع بابت ٻار جي اڳئين ڄاڻ اڪثر ڪري غير مڪمل، خام خياليءَ يا مفروضن تي مشتمل هوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن بلڪل غلط هوندي آهي . سبق شروع ڪرڻ کان اڳ استاد کي گهرجي ته هو ٻار جي موضوع بابت معلومات کي ٻڌي وجي ته جيئن غلط عقيداءِ غلط ڄاڻ جي سڃاڻپ ٿي سگهي ۽ ان کي صحيح ۽ مڪمل ڪري سگهي.
- سبق پڙهائڻ کان اڳ ٻارن جي اڳئين ڄاڻ جي حساب سان استاد کي پوئتي وڃڻو پئجي سگهي ٿو يا ٻار کي انهيءَ موضوع بابت پوين ڪتابن مان تياري ڪري اچڻ لاءِ چئي سگهجي ٿو.استاد کي اهڙي قسم جا سوال پڇڻ گهرجن جن سان ٻار کي نئين ڄاڻ ۽ سندس اڳئين معلومات وچ ۾ تعلق سمجهه ۾ اچي سگهي ته جيئن کين خبر پوي ته هو ڇا پڙهي رهيا آهن ۽ ان بابت اڳواٽ ڇا ڄا ڻن.

- ٻار جي ڪارڪردگي معلوم ڪرڻ واري عمل کي فقط روائتي امتحان تائين محدود نه ڪرڻ گھرجي پر هر هفتي اهڙا ترڪيبي امتحان جوڙڻ گھرجن جن ذريعي پڙهايل موضوعن بابت ٻار کي پنهنجي سمجھ جو اندازو ٿي سگھي ۽ اها استاد ۽ ٻين ٻارن اڳيان پڻ واضع ٿي سگھي اهڙي نموني ٻار پنهنجي سوچ ۽ سمجھ کي بهتر نموني سان ترتيب ڏئي سگھندو.
- امتحان ۽ ٽيسٽن کي اهڙي نموني ترتيب ڏنو وڃي جنهن سان سمجھ جي پرک ٿئي ۽ فقط يادگيري جانچڻ ۽ چڙ و چڙ مهارتو ن معلوم ڪرڻ تي وڌيڪ زور نه ڏيڻ گھرجي .

## حڪمت عمليون جوڙڻ

ماٺهو ڪارآمد ۽ لچڪدار حڪمت عمليون جوڙڻ ذريعي سکندا آهن جيڪي کين سمجهڻ, دليل ڏيڻ, يادگيريءَ ۽ مسئلا حل ڪرڻ ۾ مدد ڏيندبون آهن. ٻار ننڍي عمر ۾ ئي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ پنهنجو ذهني ترڪيبون امتعمال ڪندو آهي مثال طور ننڍي ٻار کي دڪان تان سامان وٺڻ لاءِ چئبو ته هو رستي تي شين کي دهرائيندو ويندو حالانڪه يادگيريءَ جي اها ترڪيب کيس ڪنهن به سيکاري ناهي هوندي پر اسڪو ل ۾ حساب, سائنس ۽ ٻئي مضمون سکڻ لاءِ ٻار کي ڪارآمد ذهني حڪمت عمليون جوڙڻ لاءِ استاد جي مدد جي ضرورت هوندي آهي . تحقيق مطابق جڏهن استاد ٻارن کي ترتيب وار ذهني حڪمت عمليون سيکاريندوآهي ته ٻار جي سکيا ۾ آساني ٿيندي آهي .

ڄاڻ جي علم cognitive science .جي پڙهائڻ بابت ٿيل تحقيقن مان اها ڳالهه واضح ٿي آهي ته شاگردن کي خود هدايتي ، پاڻ کي پڙهائيندڙ پنهنجي سو چ جي نگراني ڪندڙ ٿيڻ ۾ مدد ڏيڻ سان شاگرد وڌيڪ آزاد ۽ چست سکندڙ ٿئي ٿوجنهن جسبب هو وڌيڪ حاصل ڪري ٿو ۽ اڳتي هلي سڄي زندگي سکندڙ رهي ٿو . سڌي ريت پڙهائڻ لاءِ استاد جيڪي قدم کڻندو آهي (جيئن ڄاڻ جي رٽابندي ڪرڻ ,يعني ڪهڙي مواد کي ڪيترو ٽائيم ڏجي, سکيا جو ڪاٿو لڳائڻ يعني يعني اهو پرکڻ ته شاگرد ڪيترو سکيو آهي )اهي فن آهستا آهستا شاگرد کي سيکارڻ سان هو سندس ذهن کان آگاهه ٿيندو آهي ته سکيا دوران سندس ذهن ۾ ڇا وهي واپڙي رهيو آهي ۽ اهڙ ي نموني هو بهتر سکندڙ بڻبو آهي . اڪثر شاگردن کي اها اندر جي ڄاڻ ناهي هوندي تنهنڪري شاگردن کي سکيا 'جي نگراني ڪرڻ جو فن سيکارڻ لازمي آهي .

شا گرد کي ذهني حڪمت عمليون جوڙڻ ۾ مدد ڏيڻ ذريعي کيس سندس سکيا جي ذميواري سونپي سگهجي ٿي ۽ کيس سندس سکيا جا حدف واضح ڪري انهن جي حاصلات لاءِ متحرڪ ڪري سگهجي ٿو. ذهني حڪمت عمليون ٻار جي سکيا ۾ اهم ڪردار سرانجام ڏينديون آهن چو ته ٻار انهن ذريعي سمجهي سگهندو آهي ۽ عملي مسئلا حل ڪري سگهندو آهي . حڪمت عملين ذريعي سکيا کي هٿي ملندي آهي ۽ سکيا جو عمل تيز ٿي ويندو آهي. سکيا جون حڪمت عمليون سکڻ سان شاگرد سندن سکيا جا حدف مقرر ڪري سگهندا آهن ۽ سندن سکيا کي پاڻ پرکي سگهندا آهن ، شاگرد پنهنجي سمجهه

بابت سمجهي سگهندا آهن ، پاڻ تي اختيار حاصل ڪندا آهن ۽ پنهنجي حقيقت پسنداڻي پرک ڪري ڪارآمد ڇاڻ حاصل ڪندا آه ن

تحقيق مان اها ڳالهه به واضح ٿي وئي آهي ته شاگرد جي وڌ کان وڌ حاصلات ۽ ڪين پنهنجي سکيا جي خود نگراني، رٿابندي ۽ پاڻ کي پڙهاڻ جا طريقا سيکارڻ لازمي آهي ته جيئن هو ڪتابن مان ڇاڻ جي روائتي رٽي هٽڻ بجائي ڇاڻ جي ڳولاڻا ن جي استعمال بابت سوچي

هر هڪ مضمون جي نوعيت جي حساب سان ان کي سمجهڻ جون حڪمت عمليون به جدا جدا هونديون آهن پار جون ذهني حڪمت عمليون جيتريو واضع هونديون اوترو ئي ڪاميابيءَ سان هو مسئلا حل ڪري سگهندو ۽ سندس ياداشت ۽ سمجهه واري سکيا ۾ پڻ اضافو ايندو آهي. هن وقت تفهيمي نفسياتدانن جي تحقيق مان واضح ٿيل سکيا جي اصولن سان اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته شاگردن کي وڌ کان وڌ علمي حاصلات ۽ سکيا جي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪين سکڻ جي عمل دوران سندن سوچ ۽ سمجهه جي خود نگراني ۽ رٿابندي ڪرڻ ڪارآمد آهي. شاگردن کي سندن سکيا جي خود نگراني خود انتظامي جا فن سيکارڻ ۾ استادن کي سندن رهنمائي ڪرڻ گهرجي انهيءَ موضوع بابت پاڻ اڳتي الڳ عنوان هيٺ ڳالهائينداسين.

سکيا جون حڪمت عمليون سکڻ سان شاگرد سندن سکيا جا حدف مقرر ڪري سگهندا آهن ۽ سندن سکيا کي پاڻ پرکي سگهندا آهن ، شاگرد پنهنجي سمجهه بابت سمجهي سگهندا آهن ، پاڻ تي اختيار حاصل ڪندا آهن ۽ پنهنجي حقيقت پسنداڻي پرک ڪري ڪارآمد ڇاڻ حاصل ڪندا آه ن

هڪ تحقيق ۾ ماهرن کي چيو ويو ته هو راند ڪرڻ وقت سندن سوچ کي ڳالهائيندا وڃن جنهن مان اها خبر پئي ته ماهر سندن سمجهه جي محتات نموني سان نگراني ڪندا آهن ۽ هو انهيءَ ڳالهه جو اندازو لڳائي ويندا آهن ته ڪين ڪهڙي جاءِ تي وڌيڪ معلومات جي ضرورت آهي ۽ اها معلومات ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿي يا ڪين اها خبر هوندي آهي ته نئين ڇاڻ سندن اڳئين معلومات سان لاڳاپي ۾ آهي يانه جي آهي ته ڪيئن ۽ ڪين اها خبر هوندي آهي ته مسئلي کي صحيح سمجهڻ لاءِ ڪين ڪهڙي ڇاڻ ڪٿان حاصل ڪرڻ گهرجي ڪنهن به ڳالهه ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ اهي ڳالهيون ضروري هونديون آهن.ذهني حقمت عمليون جيئن ته ماڻهوءَ جي پاڻ سان گفتگوءَ جو نالو آهي تنهن ڪري ماڻهو پاڻ اها گفتگو شروع ڪري سگهي ٿو پر سوچڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ماڻهو جيڪي حڪمت عمليون استعمال ڪندا آهن ان ۾ ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ جي ثقافتي طريقن جو پڻ عمل دخل هوندو آهي تحقيق مان اها ڳالهه واضح ٿي آهي ته شاگردن کي ذهني حڪمت عمليون سيکياري سگهجن ٿيون جن ۾ نتيجن جو اندازو لڳائڻ ، پنهنجي سمجهه جي وضاحت ڪرڻ، پنهنجن غلطين جي نشاندهي ڪرڻ، پوئين ڇاڻ کي تحرڪ ۾ آڻڻ ۽ اڳتي جي سکيا لاءِ رٿبندي ڪرڻ شامل آهن .

هڪ تحقيق ۾ ماهرن کي چيو ويو ته هو راند ڪرڻ وقت سندن سوچ کي ڳالهائيندا وڃن جنهن مان اها خبر پئي ته ماهر سندن سمجهه جي محتات نموني سان نگراني ڪندا آهن ۽ هو انهيءَ ڳالهه جو اندازو

لڳائي ويندا آهن ته ڪين ڪهڙي جاءِ تي وڌيڪ معلومات جي ضرورت آهي ۽ اها معلومات ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿي يا ڪين اها خبر هوندي آهي ته نئين ڄاڻ سندن اڳئين معلومات سان لاڳاپي ۾ آهي يانه جي آهي ته ڪيئن ۽ ڪين اها خبر هوندي آهي ته مسئلي کي صحيح سمجهڻ لاءِ ڪين ڪهڙي ڄاڻ ڪٿان حاصل ڪرڻ گهرجي ڪنهن به ڳالهه ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ اهي ڳالهيون ضروري هونديون آهن.ذهني حقمت عمليون جيئن ته ماڻهوءَ جي پاڻ سان گفتگوءَ جو نالو آهي تنهن ڪري ماڻهو پاڻ اها گفتگو شروع ڪري سگهي ٿو پر سوچڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ماڻهو جيڪي حڪمت عمليون استعمال ڪندا آهن ان ۾ ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ جي ثقافتي طريقن جو پڻ عمل دخل هوندو آهي تحقيق مان اها ڳالهه واضح ٿي آهي ته شاگردن کي ذهني حڪمت عمليون سيکاري سگهجن ٿيون جن ۾ نتيجن جو اندازو لڳائڻ ، پنهنجي سمجهه جي وضاحت ڪرڻ، پنهنجن غلطين جي نشاندهي ڪرڻ، پوئين ڄاڻ کي تحرڪ ۾ آڻڻ ۽ اڳتي جي سکيا لاءِ رٿبندي ڪرڻ شامل آهن . ٻار کي ڄاڻڻ جون ذهني حقمت عمليون ڏاهڻ ۾ استاد مدد ڪندو آهي ۽ پو ء آهسته آهسته شاگرد انهن ذريعي استاد جي مدد کان سواءِ پنهنجي سکيا جي نگراني ڪرڻ سکي وٺندو آهي هر هڪ سبجيڪٽ جيئن حساب رياضي ۽ سائنس وغيره لاءِ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو ن ذهني حقمت عمليون الڳ الڳ هونديون آهن

ٻار کي ڄاڻڻ جون ذهني حقمت عمليون ڏاهڻ ۾ استاد مدد ڪندو آهي ۽ پو ء آهسته آهسته شاگرد انهن ذريعي استاد جي مدد کان سواءِ پنهنجي سکيا جي نگراني ڪرڻ سکي وٺندو آهي هر هڪ سبجيڪٽ جيئن حساب رياضي ۽ سائنس وغيره لاءِ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو ن ذهني حقمت عمليون الڳ الڳ هونديون آهن

هڪ تحقيق ۾ ماهرن کي چيو ويو ته هو راند ڪرڻ وقت سندن سو چ کي ڳالهائيندا وڃن جنهن مان اها خبر پئي ته ماهر سندن سمجهه جي محتاط نموني سان نگراني ڪندا آهن ۽ هو انهيءَ ڳالهه جو اندازو لڳائي ويندا آهن ته ڪين ڪهڙي جاءِ تي وڌيڪ معلومات جي ضرورت آهي ۽ اها معلومات ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿي يا ڪين اها خبر هوندي آهي ته نئين ڄاڻ سندن اڳئين معلومات سان لاڳاپي ۾ آهي يانه جي آهي ته ڪيئن ۽ ڪين اها خبر هوندي آهي ته مسئلي کي صحيح سمجهڻ لاءِ ڪين ڪهڙي ڄاڻ ڪٿان حاصل ڪرڻ گهرجي ڪنهن به ڳالهه ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ اهي ڳالهيون ضروري هونديون آهن.ذهني حقمت عمليون جيئن ته ماڻهوءَ جي پاڻ سان گفتگوءَ جو نالو آهي تنهن ڪري ماڻهو پاڻ اها گفتگو شروع ڪري سگهي ٿو پر سوچڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ماڻهو جيڪي حڪمت عمليون استعمال ڪندا آهن ان ۾ ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ جي ثقافتي طريقن جو پڻ عمل دخل هوندو آهي تحقيق مان اها ڳالهه واضح ٿي آهي ته شاگردن کي ذهني حڪمت عمليون سيکاري سگهجن ٿيون جن ۾ نتيجن جو اندازو لڳائڻ ، پنهنجي سمجهه جي وضاحت ڪرڻ، پنهنجن غلطين جي نشاندهي ڪرڻ، پوئين ڄاڻ کي تحرڪ ۾ آڻڻ ۽ اڳتي جي سکيا لاءِ رٿبندي ڪرڻ شامل آهن . ٻار کي ڄاڻڻ جون ذهني حقمت عمليون ڏاهڻ ۾ استاد مدد ڪندو آهي ۽ پو ء آهسته آهسته شاگرد انهن ذريعي استاد جي مدد کان سواءِ پنهنجي سکيا

جي نگراني ڪرڻ سکي وٺندو آهي هر هڪ سبجيڪٽ جيئن حساب رياضي ۽ سائنس وغيره لاءِ چاڻ حاصل ڪرڻ جو ن ذهني حقمت عمليون الڳ الڳ هونديون آهن

## ڪلاس ۾ استعمال

- استاد کي ٻار جي مضمون متعلق سمجھ واري سکيا ۽ سندس چاڻ جي ذهني حڪمت عملين جي اهميت تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. استاد ٻارن کي ذهني حڪمت عمليون سڌي يا اڻسڌي طرح سيکاري سگهي ٿو . اڻسڌي طريقي ۾ استاد ٻار کي ڪو نصابي ڪم ڏئي ان کي سمجھڻ جا طريقا سيکاري ۽ پوءِ ان مان سوال ڪري سگهي ٿو، مثال طور پڙهڻ جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ استاد ٻار کي سمجھائي سگهي ٿو ته ان مان اهم نقطن کي ڪيئن سڃاڻجي ۽ ان جو تت ڪيئن لکجي، استاد کي بھ انهيءَ سرگرميءَ ۾ حصو وٺڻ گهرجي ۽ ان مواد متعلق تنقيدي سوال اٿارڻ گهرجن ۽ ٻار کي بھ اهو سيکارڻ گهرجي ته تنقيدي سوال ڪيئن اٿارجن.ان ڳالھ کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ٻارن کي ذهني حڪمت عمليون جوڙڻ ۾ مدد ڏيڻ جو مطلب اهو ٿيندو ته ٻار خود انهن حڪمت عملين کي استعمال ۾ آڻي سگهي ۽ هر وقت استاد جي مدد لاءِ نھ وانجهائي.
- استاد پڙهائڻ کان اڳ مواد جي جيڪا رٿا بندي ڪندو آهي ان کي شاگردن سان گڏ ڪرڻ گهرجي ته جيئن شاگرد خود هدايتي خود مختيار ٿين مثال طور ڪو حساب پڙهائڻ کان اڳ استاد کي ٻارن کان پڇي ته هي ڪهڙي نموني سان بهتر سمجھي سگهجي ٿو ، پو ۽ استاد پاڻ ٻار کي صحيح طريقو سمجھائي ۽ وري ٻئي حساب ڪرا ئڻ ۾ بھ استاد کي ساڳيو ئي طريقو استعمال ڪرڻ گهرجي ته جيئن ٻار حساب حل ڪرڻ جي رٿابندي سکي سگهي .ٻار کي پاڻ کان هيٺئين شاگردن کي پڙهائڻ لاءِ همٿايو وڃي ڇو ته ماڻهو سيکارڻ سان وڌيڪ سکندو آهي .
- ذهني حڪمت عمليون جوڙڻ ۾ مدد ڏيڻ کان پوءِاستاد کي آهستي آهستي شاگردن کي سندن سکيا جي ڪجھ ذميواري سنڀالڻ جي قابل بنائڻ گهرجي  يعني کيس ان قابل بنائجي ته هو اها چونڊ ڪري سگهي ته کيس ڇا ۽ ڪيئن پڙهڻوآهي
- ٻار کي اهو سمجھڻ ۾ سيکاريو وڃي ته ڪهڙيون حڪمت عمليون ڪارائتيون آهن ۽ انهن کي ڪيئن ۽ ڪهڙي وقت استعمال ڪيو وڃي
- ڪيترن ئي شاگردن کي سندن ذهني حقمت عملين ۽ خود ڪلاميءَ جي اهميت جي خبر ناهي هوندي تنهن ڪر ي استاد کي انهي ء بابت شاگردن کي آگاھ ڪرڻ گهرجي ۽ کين اهڙا طريقا سيکارڻ گهرجن جن سان سندن خود نگراني ۽ خود ڪلامي معنا خيز ٿي سگهي هر سبجيڪٽ ۾ سکڻ جون ذهني حقمت عمليون جدا جدا هونديون آهن تنهن ڪري استاد کي هر سبجيڪٽ مطابق شاگردن کي سکڻ ۽ سمجھڻ  جون ذهني حڪمت عمليون سيکارڻ گهرجن.مثال طور پاڪستان اسٽڊيءَ ۾ قائد اعظم جا

چو ڏهن نقطا پڙهڻ وقت شا گرد ٻاڻ کان سوال ڪري سگهي ٿو ته سنڌکي بمبئي ۽ کان ڏار ڪرڻ جي گهر چو ڪئي وئي ۽ پوءِ انهيءَ سوال جو جواتلاش ڪري

- استاد جڏهن واضح ڪندوآهي ته سبق ۾ شامل نيون ڳالهيون پوين ڳالهين سان ڪهڙي ۽ ريت ڳنڍيل آهن شاگرد وڌيڪ گهرائيءَ سان شين کي سمجهي ۽ ياد ڪري سگهندو آهي. استاد کي سبق ۾ موجود اهم ڳالهين ڏانهن شاگردن جو ڌيان ڇڪائڻ گهرجي
- ڪوبه اصول سبق يا مواد درجي بدرجي هڪٻئي سان ڳانڍاپي ۾ پڙهائڻ سان شاگرد صحيح تصوراتي ڍانچو جوڙي سگهندو آهي ۽ منجهس سکڻ جو اتساه پڻ وڌندو آهي پر جيڪڏهن شاگرد کي مختلف حقيقتون ۽ ڳالهيون الڳ ڪري غير لاڳاپيل نموني رٽائيون وينديون ته هو انهن کي صحيح سمجهي ناهي سگهندو نتيجتن سندس دلچسپي گهٽجندي ويندي آهي.

..

# "خود ا نتظامي"

سکندڙ لاءِ سندس سکيا جي خود نگراني ڪرڻ ,پنهنجي سکيا جا حدف مقرر ڪرڻ ۽ پنهنجون غلطيون ٻاڻ درست ڪرڻ ضروري آهي.خود انتظامي جو مطلب اهو آهي ته شاگردن کي سندن سکيا جي ذميواري سونپڻ گهرجي ته جيئن هو سمجهي سگهن ته هو ڪهڙيون غلطيو ن ڪن ٿا ۽ انهن کي ڪيئن درست ڪرڻ گهرجي . خود انتظامي به تقريبن ذهني حڪمت عمليون جوڙڻ وانگر ئي آهي فرق صرف ايترو آهي ته ذهني حڪمت عمليون سکڻ ذريعي ٻار مختلف مسئلا انهن پنيان ڪارفرما اصولن کي سمجهڻ کان سواءِ ئي حل ڪري سگهي ٿو جڏهن ته خود انتظامي ذريعي شاگرد اهڙيون حڪمت عمليون جوڙي ٿو جن ذريعي کيس سندس سکيا کي پرکڻ ۾ مدد ملي ٿي ۽ هو پنهنجي سمجهه کي سمجهي سگهي ٿوءِ پنهنجون غلطيون درست ڪري سگهي ٿو

خود انتظاميءَ لاءِ شاگرد کي ڀيهر سو چ ويچار ڪرڻ جي ضرورت پوي ٿي ته هن وقت منهنجا عقيدا ڪهڙا آهن ۽ مان ڪهڙيون ذهني حقمت عمليون استعمال ڪري رهيوآهيان .ٻار ۾ اهڙي سو چ ويچار بحث مباحثي ۽ مضمون لکڻ ذريعي پيدا ٿي سگهي ٿي جنهن ذريعي ٻار پنهنجي راءِ ۽ ذاتي خيالن جو اظهار ڪري سگهندو آهي .سو چ ويچار جو هڪ اهم پهلو اهو به آهي ته عام خيالن ۽ سائنسي ڄاڻ ۾ فرق ڪرڻ اچي .

تحقيق مان اها ڳالهه به واضح ٿي وئي آهي ته شاگرد جي وڌ کان وڌ حاصلات ۽ کين پنهنجي سکيا جي خود نگراني, رٿابندي ۽ ٻاڻ کي پڙهاڻ جا طريقا سيکارڻ لازمي آهي ته جيئن هو ڪتابن مان ڄاڻ جي روائتي رٽي هڻڻ بجائي ڄاڻ جي ڳولاڪا ن جي استعمال بابت سوچي .

استاد جڏهن واضح ڪندو آهي ته سبق ۾ شامل نيون ڳالهيون پوين ڳالهين سان ڪهڙي ۽ ريت ڳنڍيل آهن شاگرد وڌيڪ گهرائيءَ سان شين کي سمجهي ۽ ياد ڪري سگهندو آهي. استاد کي سبق ۾ موجود اهم ڳالهين ڏانهن شاگردن جو ڌيان ڇڪائڻ گهرجي ڪوبه اصول سبق يا مواد درجي بدرجي هڪٻئي سان ڳانڍاپي ۾ پڙهائڻ سان شاگرد صحيح تصوراتي ڍانچو جوڙي سگهندو آهي ۽ منجهس سکڻ جو اتساهه پڻ وڌندو آهي پر جيڪڏهن شاگرد کي مختلف حقيقتون ۽ ڳالهيون الڳ ڪري غير لاڳاپيل نمونی رٽائيون وينديون ته هو انهن کي صحيح سمجهي ناهي سگهندو نتيجتن سندس دلچسپي گهٽجندي ويندي آهي. پڙهائڻ سان گڏوگڏ ٻار تي اهو پڻ واضح ڪرڻ گهرجي ته هن ڇا ۽ ڪيترو سکيو آهي ۽ کيس اڳتي ڪهڙو مواد ڪيترو ۽ ڪيئن سيکاريو ويندو.. ائين ڪرڻ سان شاگرن سندس سکيا جا حدف ۽ حدون مقرر ڪري سگهندو آهي

شاگردن کي خود هدايتي ، پاڻ کي پڙهائيندڙ۽ پنهنجي سوچ جي نگراني ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ سان شاگرد وڌيڪ آزاد ۽ چست سکندڙ ٿئي ٿوجنهن سبب هو وڌيڪ حاصل ڪري ٿو ۽ اڳتي هلي سڄي زندگي سکندڙ رهي ٿو . سڌي ريت پڙهائڻ لاءِ استاد جيڪي قدم کڻندو آهي (جيئن چاڻ جي رٿابندي ڪرڻ ،يعني ڪهڙي مواد کي ڪيترو ٽائيم ڏجي، سکيا جو ڪاٿو لڳائڻ يعني يعني اهو پرکڻ ته شاگرد ڪيترو سکيو آهي )اهي فن آهستا آهستا شاگرد کي سيکارڻ سان هو سندس ذهن کان آگاهه ٿيندو آهي ته سکيا دوران سندس ذهن ۾ ڇا وهي واپڙي رهيو آهي ۽ اهڙ ي نموني هو بهتر سکندڙ بڻبو آهي . اڪثر شاگردن کي اها اندر جي چاڻ ناهي هوندي تنهنڪري شاگردن کي سکيا ’جي نگراني ڪرڻ جو فن سيکارڻ لازمي آهي .

## ڪلاس ۾ استعمال

- استاد هيٺين ڳالهين تي عمل ڪرڻ ذريعي ٻار کي خود هدايتي ۽ سوچ ويچار ڪندڙ بڻائي سگهي ٿو
- ٻار کي مسئلا حل ڪرڻ ۽ ڪتاب پڙهي سمجهڻ جي طريقن ۾ مدد ڪرڻ ذريعي.
- ٻين جي بيانن ، راين ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي طريقن کي سمجهڻ ۽ پوءِ پنهنجو جائزو وٺڻ ۾ ٻارن جي مدد ڪرڻ گهرجي.
- ٻارن کي سندن سوچ کي سمجهڻ ۽ پاڻ کان سندن سمجهه بابت سوال ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ گهرجي مثال طور مان ڇا ڪري رهيو آهيان، چوڪري رهيو آهيان ، ڪيترو صحيح ڪري رهيو آهيان ۽ سکيا کي وڌيڪ ڪارائتو بنائڻ لاءِ ماڻ ڇا ڪرڻ گهرجي.
- ٻار کي پاڻ بابت حقيقت پسنداڻا چاڻ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ گهرجي ته جيئن ٻارن کي اها خبر پئجي سگهي ته مثا ل هو موضوع ۾ هوشيار آهي ۽ ڪهڙي موضوع ۾ کيس ڪيئن محنت ڪرڻ گهرجي .

- شاگردن جي گروهي مشغولين ۾ بحث مباحثي کي همٿائڻ ذريعي شاگردن ۾ سنڌن سوچ ۽ سمجھه جي خود نگراني وڌي ٿي .ڪلاس ۾ بحث مباحثي کي همٿائڻ سان ساڳئي وقت سکيا جي عمل کي هٿي ملي ٿي پراها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته اهڙي بحث مباحثي جو مقصد ڪين سوچرائڻ سان گڏوگڏ ڪين خود هدايتي بنائڻ پڻ هئڻ گهرجي چوته شاگرد ۾ تنقيدي سوچ اپارڻ جا مکيه عنصر ڪنهن ٻه هڪ پڙهائڻ جي طريقي سان ممڪن ناهن هوندا
- ٻارن کي سندن سکيا جا حدف مقرر ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ گهرجي .
- شاگردن ۾ سندن سمجھه جي نگراني ء کي هٿي وٺائڻ لاءِ سڀ کان وڌيڪ آسان طريقو ڪلاس ۾ بحث مباحثا ڪرائڻ آهي ڪڏهن ڪڏهن شاگرد بغير ڪنهن رهنمائيء جي هڪ ٻئي سان بحث مباحثو ڪندا آهن ته ڪڏهن وري استاد سندن رهنمائي ڪندو آهي ڪلاس ۾ تدريسي بحث ڪرائڻ جو مقصد اهو هوندو آهي ته هو سوالن جوابن جي مشاهدي ۽ سوال ڪرڻ سان هو سندن سوچ سمجھه جو تنقيدي مشاهدو ڪرڻ جي لائق بڻجندا آهن ۽ هو سندن سکيا جي نگراني ڪرڻ سکي وٺندا آهن مثال طور شاگرد بورڊ تي ڪو حساب حل ڪري ۽ پو گڏجي سڏجي ان حساب جي حل ڪرڻ جي ٻين ممڪنا طريقن تي بحث ڪري سگهن ٿا .ائين ڪرڻ سان فقط فارمولن جي فٽنگ کان هٽي ڪري هو وڌيڪ گهرائي ء ۾ سوچي ۽ سمجهي سگهندا آهن

# ڄاڻ کي ٻيهر جوڙڻ

ڪڏهن ڪڏهن اڳئين ڄاڻ ڪا نئين شيءِ سکڻ جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهندي آهي تنهن ڪري شاگردن کي اهو سيکارڻ لازمي آهي ته سندس اندروني اپتائيءَيا تضادن کي ڪيئن حل ڪجي ۽ موجوده خيالن کي ضرورت موجب ڪيئن ٻيهر جوڙيو وڃي.ڪڏهن ڪڏهن ٻار جي اڳئين ڄاڻ نئين معلومات سکڻ ۾ مشڪلات ڪري سگهي ٿي ائين سائنس ۽ رياضيءَ ۾ ٻين سبجيڪٽن جي نسبت ۾ وڌيڪ ٿيندو آهي. ان جو سبب اهو آهي ته ٻار جي ڄاڻ سندس ذاتي مشاهدو ۽ ثقافتي ورثو هوندي آهي جنهن پٺيان صدين جو تجربو ڪارفرما هوندو آهي . ٻار جڏهن اهو پڙهندو آهي ته دنيا گول آهي ته ڪيس مشاهدو اهو ٻڌائيندو آهي ته ڌرتيءَ جو مٿاڇرو ته سڌو سنئون آهي پوءِ دنيا گول ڪيئن آهي يا مثال تارا ڌرتيءَ کان وڏا هوندا آهن ته اهڙين صورتحالن ۾ ٻار اهي ڳالهيون ياد ته ڪري وٺندو آهي پر هو انهن کي صحيح نموني سمجهي ناهي سگهندو نئيون ڳالهيون سکڻ ۾ اهڙيون مشڪلاتون صرف ٻار کي ناهن ٿينديون پراهي وڏن کي ٻه ٿينديون آهن استاد فڏهن شاگردن اڳيان اهو واضح ڪندو آهي ته سبق ۾ پڙهائجندڙ نيون ڳالهيون پٺيئن معلومات سان ڪهڙي نموني ڳنڍيل آهن ته شاگرد سبق کي وڌيڪ گهرائيءَ سان سمجهي سگهندوآهي. استاد کي سبق ۾ موجود اهم ڳالهين، نقطن ۽ اصولن ڏاهن پڻ شاگردن جو ڌيان ڇڪائڻ گهرجي. ڪو ٻه مواد درجي ٻه درجي هڪ ٻئي سان ڳانڍاپي ۾ پرهائڻ سان شاگرد صحيح تصوراتي ڍاچڏ جوڙي سگهندو آهي منجهنس سکڻ جواتساهه پڻ وڌندو آهي پر جيڪڏهن شاگردن کي مختلف حقيقتون ۽ مواد الڳ الڳ ڪري هڪ ٻئي اڻ لاڳاپيل نموني پڙهائيون وينديون ته هو انهن کي صحيح طور سمجهي نه سگهندو جنهن جي نتيجي ۾ سندس دلچسپي پڻ گهٽجندي ويندي .

صحيح استاد اهو آهي جيڪو ٻار جي اڳئين ڄاڻ کي معلوم ڪري نئين ڄاڻ کي ان حساب سان منتقل ڪري ٻار جي اها ڄاڻ اڪثر ڪري سندس ذاتي مشاهدن تي ٻڌل غير مڪمل ۽ غلط هوندي آهي پر اها سندس ذهن ۾ تمام مضبوط نموني پيوند ٿيل هوندي آهي مثال هو سمجهندا آهن ته ڌ رتيءَ جو

مٿاڇروٿالهيءَ وانگر گول ته ٿي سگهي ٿو پر اهو بالوانگر گول هرگز ناهي هوندو.چوته جيڪڏهن ائين هجي ها ته پوءِ ماڻهو ان جي مٿان هلن ڪيئن ها؟جڏهن ته تارا ڌرتي ء کان وڏا ٿي نه ٿا سگهن ۽ هو اهو ٻه سمگهندا آهن ته 1/3کان 1/6وڏو آهي پلي هو استادن کي ٻڌائڻ لاءِ 1/3کي وڏو ڪوٺين پر اڪثر ڪري سندن سمجهه اها ئي هوندي آهي ته اصل ۾ 1/6 ئي وڏو آهي جيڪڏهن ٻار جو ڪماغ خالي سليٽ هجي ها ته ان تي ڪجهه به آسانيءَ سان لکي سگهجي ها پر جيئن ته هو زندگيءَ ۾ مشاهدي ذريعي ڄاڻ حاصل ڪري وٺندا آهن تنهن ڪري سندن انهيءِ سمجهه کي مدنظر رکي پڙهائڻ لازمي آهي . سڪنڊڙجي اڳئين ڄاڻ کي معلوم ڪري ان ۾ اضافو ڪرڻ يا جيڪڏهن اها غلط آهي ته تبديل ڪرڻ هر عمر.

## ڪلاس ۾ استعمال

- سمجهه واري سکيا کي همٿائڻ ۽ ٻار جي غلط عقيدن کي منهن ڏيڻ لاءِ هيٺين ڳالهين تي عمل ڪري سگهجي ٿو .
- ڪابه ڳالهه سيکارڻ کان اڳ استاد کي ٻارن جي غلط عقيدن ۽ اڻ مڪمل ڄاڻ جو علم هجڻ گهرجي ائين ڪرڻ لاءِ پڙهائڻ کان اڳ انهيءَ موضوع بابت ٻار جي اڳئين ڄاڻ يا مفروضاتي خيال دريافت ڪرڻ گهرجن .
- استاد لاءِ اهو ضروري آهي ته هو ڪلاس ۾ اهڙو ماحول پيدا ڪري جنهن ۾ ٻار مختلف موضوعن بابت سندن خيال ۽ وضاحتون پيش ڪري سگهن.
- استاد کي گهرجي ته هو ٻارن جي  اڳئين ڄاڻ ۾ اضافو ڪري ۽ ان کي درست ڪرڻ بعد سبق ۾ موجود ڄاڻ کي سمجهائي چو ته سندن اڳئين ڄاڻ کي نظر انداز ڪرڻ سان شاگرد نئين معلومات بابت غلط فهميون پيدا ڪري وٺندا آهن .
- استاد کي ٻارن کي اهڙو مشاهدو ۽ تجربا ڪرائڻ گهرجن جن سان کين خبر پئجي سگهي ته سندن اڳئين ڄاڻ غلط ٿي سگهي ٿي ۽ کين مختلف مثال ڏئي سمجهائڻ گهرجي .
- سائنسي معلومات کي واضع ڪري سمجهائڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي ته ان جا عملي مثال ڏيڻ گهرجن .
- شاگردن کي ٿائيم ڏنو وڃي ته جيئن هو موضوع بابت سندن اڳئين ڄاڻ تي سوچي ان کي درست ڪري سگهن . ائين ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته نصاب ۾ گهرائي پيدا ڪرڻ گهرجي ۽ استادن کي ٻه گهرجي ته سبق ۽ حسابن جي موضوعن کي گهرائيءَ سان سمجهائين ائين ڪرڻ لاءِ هو عملي زندگيءَ مان مختلف مثال پيش ڪري سگهن ٿا.

## تصوراتي سمجهه

سکيا جو عمل آسان ۽ بهترين تڏهن ٿيندو آهي جڏهن سکيا جو مواد عام اصولن ۽ وضاحتن جي چوڌاري ترتيب ڏنل هوندو آهي پر اهو ڪمزور تڏهن ٿيندو آهي جڏهن سکيا کي يادگيريءَ ۽ چڙ وچڙ حقيقتن جي صورت ۾ ترتيب ڏنو ويندوآهي. تحقيق انهيءَ ڳالهه کي واضح ڪيو آهي ته جڏهن معلومات کي رٽيو ويندو آهي ته اها جلد وسري ويندي آهي جڏهن ته جيڪا ڳالهه سمجهي ويندي آهي اها وسري ناهي سگهندي ۽ انهيءِ ڄاڻ کي هڪ صوررتحال کان ٻي صورتحال ۾ پڻ استعمال ڪري سگهبو آهي . ڳالهين کي صحيح سمجهڻ لاءِ شاگردن کي اهو سوچڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ گهرجي ته هو ڇا ۽ پڙهي رهيا آهن ۽ اهي مواد ڪهڙي نموني اهميت وارو آهي ته جيئن کين خبر پئجي سگهي ته اها معلومات هڪ صورتحال کان ٻي صورتحال ۾ ڪيئن استعمال ٿي سگهندي ۽ کين انهيءَ موضوع بابت سندن خيالن جي اظهار جو موقعو پڻ فراهم ڪرڻ گهرجي. استاد جڏهن پڙهائڻ ۾ يادگيريءَ بجاءِ سمجهه تي وڌيڪ ڌيان ڏيندو ته مو جودو پرک جي طريقن ( ٽيسٽون امتحان) ۾ سمجهه واري شاگرد کي گهٽ مارڪون ملنديو ن ڇوته انهن امتحانن ۽ ٽيسٽن ۾ وڌيڪ زور يادگيريءَ حقيقتن جي ڄاڻ کي ڏنل هوندو آهي جڏهن ته انهيءَ موضوع بابت ڄاڻ شاگرد جي تصوراتي سمجهه تي گهٽ ڌيان ڏنو ويندو آهي جڏهن ته ڳالهه ا جي ابتڙ هجڻ ضروري آهي .تصوراتي سمجهه کي شاگرد جي پرک جي مرڪز بنائڻ ايتروئي اهم آهي جيترو اهو مشڪل نظر اچي ٿو .

ڪنهن به سبجيڪٽ ۾ استعمال جوڳي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ شاگرد وٽ ٽن شين جو هجڻ لازمي آهي هڪ حقيقتن جي گهري ڄاڻ ، ٻيو هو حقيقتن هو انهيءَ ڄاڻ کي ان جي تصوري ڍانچي جي متن مطابق ڏسي سگهي ۽ ٽيو ن هو حقيقتن تي ٻڌل ڄاڻ کي ذهن اندر اهڙي نموني ترتيب ڏئي ته جيئن اهي ضرورت وقت هڪدم يادگيري يا استعمال ۾ اچي وڃن .

ڄاڻ جي سائنسي ڄاڻ ماهرن کي انهيءَ اصول جي خبر سکيا ۽ ان جي استعمال بابت ماهرن ۽ سيکڙاٽن تي تحقيق مان پئي. ڪنهن بہ شيءِ جي ماهر وٽ مظبوط ۽ ترتيبيل ڄاڻ هوندي آهي ۽ هو نہ فقط سٺا سوچيندڙ هوندا آهن پر وٽن عمل کي ترتيب ڏيڻ ، ان جي مختلف مرحلن ۾ مشاهدو ڪرڻ ۽ ان بابت اهم وضاحتون پيش ڪرڻ جي صلاحيت هوندي آهي ۽ وٽن هڪ ميدان جا اصول ٻئي ميدان ۾ استعمال ڪرڻ جي صلاحيت پڻ هوندي آهي .جڏ وچڙ ۽ هڪ ٻئي کان ٽٽل حقيقتن جي ڄاڻ ڪن جي ناهي هوندي چوتھ اها مسئلا حل ڪرڻ لاءِ استعال جوڳي ناهي هوندي . تنهنڪري شاگرد کي بهتر ڄاڻ مهيا ڪرڻ لاءِ ڪيس سمجھ واري سکيا ڏيڻ گھرجي چو تھ ڪنهن موضوع بابت گھري حقيقتن جي ڄاڻ کي استعمال جوڳو بنائيندي آهي.ماهر ۽ سيکڙاٽ ۾ فرق اهو هوندو آهي تھ ماهر کي اصولن جي خبر هوندي آهي ۽ ان جي بنياد تي ئي هو نئين ڄاڻ سکندوآهي مرحلن ۽ شين جي هڪٻئي سان لاڳاپن کي ڏسي سگھندوآهي سندن ياداشت ڪا ٻين کان وڌيڪ ناهي هوندي پر سندن تصوري خا ڪا ايترا مضبوط هوندا آهن جو هو شين مان اصل مطلب اخذ ڪري وٺندا آهن ۽ انهن ذريعي هو اهم ۽ ڪم جي ڄاڻ جي چونڊ ڪري ياد ڪري وٺندا آهن ماهر ڪم جي ڳالھ جهٽي وٺندا آهن چو تھ موضوعن بابت سندن سمجھ ڪين اهو طع ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي آهي تھ ڪهڙي ڳالھ اهم ۽ لاڳاپيل آهي .شاگردن کي بهتر تعليم مهيا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تھ استاد سندس معلومات جي گھرائيءَ ۾ اضافو ڪري ۽ سبجيڪٽ بابت سندس تصوراتي ڍانچو ترتيب ڏئي .تصوراتي ڍانچي جو هڪ مثال هيئن ڏئي سگھجي ٿو ؛ جيڪڏهن شاگرد کي اهو سمجھايو وڃي تھ دنيا جي نقشي ۾ جيڪي ڪنڊ آهن انهن کي ڳاڙهو رنگ، ملڪن کي سائو رنگ ۽ وڏن شهرن کي پيلو رنگ ڪري ياد ڪري تھ هو ياد تھ ڪري وٺندوپر جيڪڏهن نقشي جي بائونڊرين کي ختم ڪري ڇڏجي تھ هو ٻيهر انهن کي جوڙ ي نہ سگھندو چو تھ شا گرد جي ملڪن ۽ شهرن بابت ڄاڻ جو تصوراتي ڍانچو ناهي رهيو. انساني ذهن بہ انهيءَ نقشي مثل آهي جنهن ۾ ملڪن ۽ شهرن جو با ئونڊريون ٺهيل هونديون آهن هر ماڻهو ء جي دماغ ۾ ڄاڻ لاءِ پنهنجا پنهنجا نقشا ٺهيل هوندا آهن جن کي ڄاڻ جو تصوراتي ڍانچو چونداآهن ۽ جنهن ماڻهو ء جو اهو تصوراتي ڍانچو وڌيڪ واضح هوندو آهي اهو اوتروئي ماهر هوندوآهي

استعمال جوڳي ۽ ڪارآمد ڄاڻ اها هوندي آهي جنهن ۾ اهم تصورن ۽ اصولن جي چوڌاري حقيقتون ترتيب ڏنل هجن پر ڪوبہ مواد پڙهڻ يا پڙهائڻ کان اڳ اهو پتو ڪيئن پوي تھ ان ۾ بنياتي تصور يا اصول ڪهڙا آهن ! اهو ڪم اڪثر ڪري ڪتاب (مثال حساب ياسائنس پڙهائڻ جو مقصد ڇا آهي )ٻيا موضوعن کي سمجھڻ جا بنيادي اصول ( جيئن حسابن جا اصول ۽ فارمولا، يا ارتقائي اصول وغيره )علمن بابت بنيادي تصور بلڪل بنيادي هوندا آهن ۽ موضوعن ۽ سبجيڪٽن بابت بنيادي تصور انهن ۾ اندر فٽ ٿيل هوندا آهن . شاگرد پاڻ سان گڏ علمن توڙي موصوعن ۽ سبجيڪٽن بابت مفروضا کئي ايندو آهي جيڪي تمام مضبوت هونداآهن ۽ انهن کي تبديل ڪرڻ مشڪل هوندو آهي استادن لاءِ علمن جي فطرت ۽ بنيادي اصولن کي سمجھڻ تمام ضروري هوندو آهي گڏوڏ سبجيڪٽن ۽ موضوعن جي بنيادي

اصولن ۽ فطرت ۽ حدن کي سمجهڻ پڻ لازمي هوندو آهي پر موضوعن ۽ سبجيڪٽن جي بنادي ايصولن کي سمجهڻ تيستائين ڪافي ناهي جيستائين ڪنهن علم جي بنيادي تصور کي نه سمجهيو وڃي مثال طور ته حساب ۽ سائنس ۽ رياضي چو ۽ چا لاءِ آهن ۽ ڪنهن ٻه اصول کي سمجهڻ لاءِ انهن علمن جو طريقي ڪار دائرو ۽ چاڻ جا اصول ڪهڙا آهن

## ڪلاس ۾ استعمال

- هيٺين ڳالهين تي عمل ڪرڻ ذريعي استاد موضوع بابت ٻارن ۾ سمجھ پيدا ڪري سگهي ٿو.
- ڪو به موضوع پڙهائڻ کاپوءِ ٻار کي چيو وڃي ته هو ان کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪن .
- شاگردن کي سمجهائڻ گهرجي ته ڳالهين بابت مثال ڪيئن پيش ڪبا آهن جن مان اها خبر پوندي آهي ته مختلف اصول ڪيئن ڪم ڪندا آه ن.
- استاد کي گهرجي ته هو چاڻ کي مسئلن جي مشڪلات جي حساب سان ترتيب ڏئي يعني پهرين سوليون ڳالهيون ۽ پوءِ ڏکيون ڳالهيون سمجهائڻ گهرجن.
- شاگرد جڏهن چاڻ کي سمجهي سگهندا آهن ته هو ان ۾ فرق ۽ هڪجهڙايون ڏسي سگهندا آهن هو مختلف شين کي هڪ ٻئي سان ڀيٽي سگهندا آهن.
- ٻار کي سيکارڻ گهرجي ته گهڻي مواد مان مخصوص اصول ڪيئن ڪڍيا وڃن ۽ مخصوص مثالن کي مختلف صورتحالن ۾ ڪيئن استعمال ۽ لاڳو ڪرڻ گهرجي .

## هڪ صورتحال کان ٻي صورتحال ڏانهن ڄاڻ منتقل ڪرڻ

سکيا تڏهن ئي معنا خيز بڻجندي آهي جڏهن اسڪول ۾ پڙهائجندڙ سبق ۾ ڄاڻ کي حقيقي زندگيءَ ۾ هڪ صو رتحال کان ٻي صورتحال ۾ استعمال ۾ آڻي/ منتقل ڪري سگهجي .اڪثر ڪري شاگرد اسڪول ۾ سکيل ڄاڻ کي حقيقي زندگيءَ ۾ استعمال ڪري نه سگهنداآهن ۽ هڪ ڪلاس ۾ سکيل ڄاڻ کي ٻئي ڪلاس ۾ منتقل ڪري ناهن سگهندا. ڄاڻ جي منتقلي تمام گهڻي اهيت رکي ٿي . جيڪڏهن اسڪول ۾ سکيل ڄاڻ کي حقيقي زندگيءَ ۾ استعمال ڪري نه سگهجي ته پوءِ ٻارن کي اسڪول موڪلڻ جو ڪهڙو مقصد آهي ؟ اصل ۾ سکيا جي منتقلي پوين سيني اصولن سان ڳنڍ يل آهي تنهن ڪري ان کي هٿي وٺائڻ لا پوين سيني اصولن تي عمل ڪرڻ گهرجي.

## ڪلاس ۾ استعمال

- استاد ٻارن ۾ ڄاڻ منتقل ڪرڻ جو مادو پيدا ڪرڻ جي لاءِ هيٺين ڳالهين تي عمل ڪري سگهن ٿا.
- موضوعن کي صحيح ۽ مڪمل سمجهڻ تي زور ڏنو وڃي چو ته جيستائين ٻار ڪنهن ڳالهه کي صحيح سمجهي ناهي سگهندو تيستائين هو ڄاڻ کي ٻي صورتحال ۾ منتقل ڪري ناهي سگهندو .
- ڪوبه موضوع سمجهائڻ لاءِ ٻار کي عملي زندگي ۽ مان مثال ڏيڻ گهرجن .
- نئين ڄاڻ کي پڙهائڻ وقت ساڳئي قسم جي ڪنهن پنئين صورتحال مان مثال ڏيڻ گهرجن .
- پڙهائڻ وقت اصولن يا ڄاڻ کي مختلف صورتحالن ۾ منتقل ڪري ڏيکارڻ گهرجي .
- شاگردن کي سندن سکيا بابت ڄاڻ ۾ مدد ڏيڻ گهرجي ته جيئن هو ڪمزور موضوعن کي وڌيڪ سمجهي سگهي

# عملي سکيا

سکيا هڪ منجهيل ذهني سرگرمي آهي جيڪا هڪ مخصوص طريقي ۽ اصولن تحت عمل ۾ ايندي آهي سکيا کي يڪدم تيز تئو ڪري سگهجي پر ان لاءِ مهارت حاصل ٿيڻ تائين وقت ۽ مشق جي ضرورت هوندي آهي.تحقيق مطابق مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ عملي سکيا يا مشق تمام ضروري آهي ، ڪنهن موضوع کي گهٽ يا وڌ وقت ڏيڻ سان ان کي سکڻ تي گهرو اثر پوي ٿو . ذهني نفسيات جي ماهرن پنهنجي هڪ تحقيق ۾ شترنج جي ڪلاڙين جو جائزو ورتو ۽ معلوم ڪيو ته ان راند ۾ ماهر ماڻهن هزارين ڪلاڪ مشڪ ڪئي هئي جڏهن ته سيکڙاٽو ماڻهن گهٽ وقت صرف ڪيو هو. تحقيق مان اها ڳالهه پڻ واضح ٿي آهي ته شاگردن جي لکڻ پڙهڻ جي صلاحيتن جو دارو مدار سندن صرف ڪيل وقت تي هوندو آهي ، ڇو ته ڪارآمد لکت ۽ پڙهت لاءِ ڪافي وقت ۽ مشق درڪار هوندي آهي اهڙا شاگرد جن کي ڪم ڪار هجڻ سبب هو گهر ۾ لکڻ پڙهڻ تي گهٽ وقت ڏيندا آهن انهن جون اهي صلاحيتون گهٽو وقت ڏيندڙن جي ڀيٽ ۾ گهٽ هونديون آهن .

## ڪلاس ۾ استعمال

- ٻارن کي سکيا جي ڪم ۾ وڌيڪ مصروف رکڻ لاءِ استادن کي هيٺين ڳالهين تي عمل ڪرڻ گهرجي .
- ڪلاس ۾ سکيا تي وڌيڪ وقت ڏيڻ گهرجي .
- شاگردن کي سکيا جا اهڙا ڪم ڏيڻ گهرجن جيڪي سندن اڳئين ڄاڻ سان لاڳاپيل هجن .
- هڪ ئي وقت گهڻا عنوان ۽ موضوع پڙهائڻ کان نتائجي ۽ شاگردن کي نئين معلومات کي سمجهڻ ۽ هضم ڪرڻ لاءِ وقت ڏيڻ گهرجي
- شاگردن کي پاڻ مرادو مشڪن ۾ مصروف رهڻ لاءِ همٿائڻ گهرجي جنهن ۾ سوچ ويچار ۽ پنهنجي سکيا کي پرکڻ شامل هجي .
- شاگردن کي گهر ۾ مختلف ڪتاب پڙهڻ لا آمده ڪرڻ گهرجي
- شاگردن جي والدين سان لاڳاپي ۾ رهجي ته جيئن سندن ٻارن کي تعليمي مشادي ۾ مدد ڪري سگهن .

## فردي ۽ نشو ونما ئي تفاوت

ٻار بهتر نموني تڏهن سکندا آهن جڏهن انهن ۾ فردي تفاوت کي نظر ۾ رکي کين سيکاريو ويندو آهي .تحقيق مان اها خبر پئي آهي ته ٻارن جي نشو نما جا سکيا تي گهرا اثر پوندا آهن. ٻار جيئن جيئن وڏا ٿيندا آهن ته اهي دنيا کي نئين طريقي سان ڏسڻ شروع ڪندا آهن ۽ اهي سکيا جون ذهني حڪمت عمليون پڻ تبديل ڪندا آهن ان کان علاوه فردي تفاوت جو پڻ سکيا ۾ عمل دخل هوندو آهي نشونماعي نفسياتدانن مطابق منطق ۽ ٻوليءِ کانسواءِ ٻيه ذهانت جا مختلف رخ ٿيندا آهن جن کي مختلف اسڪولي ماحولن ۾ اهميت ڏني ويندي آهي مثال ڪن ٻارن کي ڊرائينگ ۽ موسيقيءَجو فن هوندو آهي ته ڪن کي وري جسماني راندين جي صلاحيت هوندي آهي يا ڪن کي وري سماجي ميل جول جون صلاحيتون هونديون آهن تنهنڪري اسڪولن کي اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ فردي تفاوتن کي نظر ۾ رکي سکيا کي ترتيب ڏنو وڃي.

## ڪلاس ۾ استعمال

- ٻارن جي بهتر نشونما کي يقيني بنائڻ لاءِ هيٺين صلاحن تي عملڪرڻ گهرجي ت جيئن شاگردن جي فردي تفاوت جي خبر پئجي سگهيءَ ان مطابق کين سکيا جا موقعا فراهم ٿي سگهن
- استادن کي اهو سکڻ گهرجي ته ٻارن جي چاھ ۽ ذهني حڪمت عملين کي ڪيئن بهتر نموني سان پرکيو وڃي
- ٻارن کي مختلف قسم جو مواد ، سرگرميون ۽ سکيا جا ڪم ڏنا وڃن جن ۾ ٻولي، حساب ، فطرتي سائنس، سماجي سائنس، فن موسيقي ۽ سماجي سمجهه شامل هجن ته جيئن خبر پئجي سگهي ته ٻار مستقبل ۾ ڪهڙي ميدان ۾ بهتر ڪارڪردگي ڏئي سگهندو ۽ پوءِ ان جي بنياد تي ئي ٻار جي نشونما تي زور ڏنو وڃي.
- شاگردن جي مختلف ميدانن ۾ صلاحيتن کي پرکيو وڃي ۽ انهن ميدانن ۾ سندن دلچسپي چاھ، ۽ اعتماد جو پتو لڳائڻ گهرجي.

- استادن کي ٻار جي انهيءَ سکيا تي وڏيڪ زورڏيڻ گهرجي جنهن ۾ هو وڏيڪ باصلاحيت هجي ۽ ڪين اهو ٻهه سيکاريو وڃي ته پنهنجي ان صلاحيت کي ٻين تدريسي ميدانن ۾ سکيا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيئن استعمال ڪري سگهن ٿا.
- شاگردن جي سکيا ۽ سوچڻ جي انداز ۾ رهنمائي ڪرڻ گهرجي
- شاگردن کان سوچ ويچار اڀارينڌڙ سوال پڇڻ گهرجن ۽ کين اهڙا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڏنا وڃن جن سان سندن سوچ ۽ فن جو پتو پوي ۽ شاگردن کي مختلف طريقن سان مسئلا حل ڪرڻ ۽ ڳالهيون ثابت ڪرڻ ۾ مدد ڏني وڃي
- سکي جي عمل کي حقيقي زندگيءَ سان ڳنڍڻ گهرجي ٻارن کي سندن ماحول مان مثال ڏئي سمجهائجي
- شاگردن کي سندن صلاحيت مطابق مختلف حقيقي مسئلا حل ڪرڻ سيکاريو وڃي
- ٻارن کي اهڙي قسم جي سکيا ڏني وڃي ته جيئن هو پنهنجي ڪميونٽيءَ جي وڏن ماڻهن سان له وچڙ ۾ اچن جيڪي شاگردن جي دلچسپيءَ وارين شين بابت ڪافي ڄاڻ رکينڙهجن

# تحرڪ

سڪنڊڙ جي تحرڪ ۽ دلچسپيءَ جو سکيا جي عمل سان تمام گهرو تعلق آهي. استاد ٻار کي وڌيڪ متحرڪ بنائڻ لاءِ پنهنجو رويو، ليڪچر، تعريف ۽ انعام استعمال ڪري سگهي ٿو. سکڻ لاءِ متحرڪ شاگرد پري کان پڌرا هوندا آهن اهي پنهنجا طع ٿيل ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ جي جستجو ڪندا آهن. هو تمام گهڻا محنتي هونداآهن ۽ اهي اڪثر ڪري مستقل مزاج ٻھ هونداآهن جنهن سبب انهن جي سکيا معياري هوندي آهي . سيئي استاد اهو ئي چاهيندا آهن ته سندن شاگرد متحرڪ هجن پر سوال اهو آهي ته شاگردن کي متحرڪ ڪيئن بڻائجي. نفسياتدانن مطابق تحرڪ جا ٻھ قسم ٿيندا آهن هڪ خارجي تحرڪ "extinct motivation" ۽ ٻيو داخلي تحرڪ"instinct motivation"خارجي تحرڪ تڏهن پيدا ٿيندو آهي جڏهن مخصوص ڪارڪردگيءَ کي وڌائڻ لاءِ جزا ۽ سزا جو استعمال ڪيو ويندوآهي جزا جومثال سٺيون مارڪون، تعريف ۽ انعام وغيره ٿي سگهن ٿا ۽ سزا ۾ ڌمڪي، دڙڪا يا مار موچڙو شامل آهن . جڏهن ته داخلي تحرڪ ۾ ٻار بغير ڪنهن لالچ ۽ خوف جي فقط سکڻ جي اندرو ني تڙپ ۽ خواهش کي پو رو ڪرڻ لاءِ متحرڪ رهندو آهي اهڙن شاگردن جي تحرڪ جو مقصد شين کي سمجهڻ ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ هوندوآهي

استادن کي گهرجي ته هو ٻارن ۾ پنهنجي رويي ۽ ليڪچرذريعي داخلي تحرڪ اڀارين .

## ڪلاس ۾ استعمال

- استادن کي شاگردن جي ڪارڪردگيءَ جو منصفاڻو جائزو وٺي ڪيڻ همٿائڻ گهرجي شاگردن جي حاصلات جي تعريف ڪرن گهرجي
- شاگردن جي حاصلات کي داخلي ۽ خارجي عنصرن جي حوالي سان بيان ڪرڻ گهرجي مثال طور داخلي حوالي سان چئجي توهان جا خيالات سٺا آهن
- شاگردن کي پاڻ تي پروسو ڪرڻ سيکاريو وجي مثال کيس ٻڌايو وڃي ته تون حسابن ۾ سٺي محنت ڪري رهيو آهين

- شاگردن کي اهو ٻڌايو وڃي ته هو ڪهڙيون ذهني حڪمت عمليون استعمال ڪري رهيا آهن ۽ ڪين اهو به ٻڌايو وڃي ته انهن حڪمت عملين کي ڪهڙي نموني سان ڪارآمد بڻائي سگهجي ٿو.
- شاگردن کي سندن سکيا جا حقيقت پسندانا ٽارگيٽ مقرر ڪرڻ ۾ مدد ڏني وڃِي ائين ڪرڻ سان کين هيٺين ڳالهين ۾ مدد ملندي
- شاگردن جي صلاحت جي آڌار تي سندن گروپبندي ٿي سگهندي
- اهڙي گروپ بنديءَ جو مطلب اهو ٿيندو ته صلاحيت کي ڪوشش کان وڌيڪ اهميت ڏني وئي
- استادن کي شاگردن ۾ چٽاپيٽيءَ بجاءِ هڪ ٻئي سان تعاون جو مادو پيدا ڪرڻ گهرجي تحقيق اها ڳالهه ثابت ڪئي آهي ته مقابلي جي ماحول ۾ ٻار حاسد ٿئي ٿو ۽ هو سٺيون مارڪون کڻن جي لاءِاڪيلو محنت ڪري ٿو ائين ڪرڻ سان ٻار جو داخلي تحقق گهٽجندو آهي
- ٻار کي اهڙيو دلچسپ سرگرميون ڏيون وڃن جن سان ٻارن ۾ سکڻ جي جستجو ۽ گهري سوچ پيدا ٿئي .
- اصل ۾ جڏهن استاد کي مٿين سيني سکيا جي اصولن ۽ سکڻ جي عمل جي گرائيءَ سان ڄاڻ هوندي آهي ته هو پاڻ اهڙا طريقا جوڙي وٺندو آهي جيڪي بهتر سکيا جي مکيه عنصرن کي اڀاريندا آهن
- اهڙو ليڪچر جيڪو سموري سبق کي سهيڙي سکندڙن جي ذهن مطابق ان ۾ موجود ڄاڻ کي تصوراتي ڍانچي ۾ ترريب ۾ ڏئي ڏنو ويندو آهي اهو ڪافي ڪارآمد ثيندوآهي ، ان لاءِ ضروري آهي ته استاد کي سبق ( يا مواد) جي گهرائيءَ ۾ ڄاڻ هجي ، شاگردن جي سکڻ جي طريقي ۽ سندن ذهني پهچ جو اندازو هجي ، کيس ان مواد کي شاگردن جي ذهن مطابق ترتيب ڏين جو فن اچي ان لاءِ ضروري آهي ته استاد سکيا جي اصولن کان واقف ٿين.

## مهارت ڇا آهي ؟

اهي ماڻهو جيڪي ڪنهن مخصوص علم يا فن ۾ ماهر هونداآهي اهي انهيءَ علم يا فن ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلن تي خوبصورت مموني سان سوچي سگهندا آهي . هتي اها ڳالهه سمجهڻ لازمي آهي ته مهارت بذات خود ڇا آهي ؟ڇو ته انکي سمجهڻ ذريعي اسان ماهر ماڻهن جي سوچڻ ۽ مسئلاحل ڪرڻ جي طريقي ڪار کي بهتر نموني سمجهي سگهنداسين .تحقيق مان اها ڳالهه ثابت ٿي آهي ته مسئلاحل ڪرڻ جي صلاحيت ذهانت ۽ ياداشت وغيره جي صلاحيتن وانگر ڪم ناهي ڪندي. دراصل ماهر ماڻهن کي پنهنجي جيفيلڊ ۾ تمام گهڻي گهرائيءَ ۾ ڄاڻ هوندي آهي جيڪا سندس سمجهه بيان ۽ عمل کي رخ ڏيندي آهي. اهي شيون وري سندن مسئلن کي سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ جي صلاحيتن تي اصر اندازٿيندڀيون آهن. ماهر انهن آثارن۾ ڄاڻ جي معنٰي خيز طريقن جو جائزو وٺنداآهن جيڪي سيکڙاٽن کي نظر ناهن ايندا. ماهرن کي متن مطابق ڄاڻ حاصل ٿيل هوندي آهي ۽ سندن ڄاڻ اهم اصولن جي چوڌاري هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هوندي آهي جنهن سبب هو گهرائي ۽ ۾ سوچي سگندا آهن. ماهرن جي ڄاڻ کي الڳ الڳ حصن ۾ ورهائي نه ٿو سگهجي ڇو ته ان ۾ حقيقتون هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هونديون آهن ۽ اها ڪل جي صورت ۾ استعمال جو ڳي هوندي آهي. ماهرن جو مختلف صورتحالن ۾ لچڪدار نقطئي نگاه هوندو آهي . مهارت هوندي به اها ڪا پڪ ناهي ته ڪوبه ماهر آسانيءَ سان سيکاري به سگهي ٿو ڇو ته موضوعن جي ڄاڻ هجڻ ۽ پڙهائڻ جي طريقن ۽ ٻارن جي شاگردن جي مختلف ذهني ارتقائي منزلن ۾ سکڻ جي اندازن جوعلم اڃا ڪا ٻي شي ۽ آهي .

## معلومات جا معنا خيز طريقا

هر ماڻهو ڪنهن هڪ ئي صورحال يا ڳالهه کي مختلف نموني مسمجهي ٿو انهيءَ ڳالهه جو دارومدا سندس انهي ۽ موضوع يا ڳالهه بابت اڳئين معلومات تي هجي ٿو . ماهر ماڻهن جي ڳالهين کي يادگيريءَ ۾ آڻڻ جي صلاحيت تمام گهڻي هوندي آهي ائين ڪٿي چئجي ته لاڳاپيل ڳالهيون خود بخود سندن ذهن تي تري اينيون آهن سندن انهيءَ خوبيءَ مان اهو ٿو معلوم ٿئي ته سندن ذهن ۾ مختلف قسم جي ڄاڻ ڪيڏن نه واضع ۽ معنا خيز نقشن جي صورت ۾ ترتيب ٿو ڏئي. ماهر اصل ۾ موضوعن ۾ موجود وڏن

بنيادي تصورن کي معلوم ڪري پوءِ ان جي چوڌاري حقيقتن ۽ انگن اکرن جي ڄڻ کي ترتيب ڏينداآهن. تنهن ڪري موضوعن بابت سندن ذهني ۽ تفهيمي نقشا واضح ۽ چٽا هوندا آهن. اسان ماهرن تي ٿيل انهيءَ تحقيق کي ڪلاس جي ماحول ۾ هيئن ۾ استعمال ڪري سگهون ٿا ته کين معلومات جا معنا خيز اهم تصور معلوم ڪرڻ ۽ ان جي حقيقتن کي سڃاڻڻ ۾ سندن رهنمائي ڪئي وڃي.

مٿئين سوري تحقيق کي سهيڙي اها ڳالهه ڪري سگهجي ٿي ته ماهرن جي ڄاڻ اهم خيالن ۽ بنيادي اصولن جي چوڌاري ترتيبيل هوندي آهي تنهن ڪري نصا ب ۽ پڙهائن جي طريقن کي پڻ اهڙي نموني ترتيب ڏيڻ گهرجي ته جيئن موجوده يادگيريءَ واري عمل کي مليل اهميت ختم ٿئي ۽ شاگردن کي تصوراتي سمجهه مهيا حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي.

اسان جو موجوده نصاب ۾ بيترتيب حقيقتون بغير ڪنهن نشونمائي حدبنديءَ جي حساسيت جي هڪبئي مٿان سٽي اچالايون ويون آهن تنهن ڪري شاگرد ويچارو وٺوهڻن تي مجبور آهي ۽ ٻي ڳالهه ته امتحانن ۾ ٻهه اڪثر سمجهه بجاءِ يادگيريءَ جي پرک ڪئي ٿي وڃي جڏهن ته تجزياتي ، ڀيٽا، فرق ۽ درجيدندي ۽ تنقيدي جائزي وغيره جهڙا سوال تمام گهٽ شامل ڪيا ٿا وڃن ظاهرآهي ته شاگرانهيءَ شي تي زور ڏيندو جيڪا ڪانئس اڳتي پڇي ٿي وڃي پر ويچارو شاگرد ٻڌائيندو ٻهه چا هوته سڳو سال ميل ڊگهي معلومات جي روڊ تي ڊوڙندو رهيو آهي جنهن جي گهرائي هڪ انچ ٻهه نهه هئي . بهتر رٿا بنديءَ سان جوڙيل محدود موضوع گهرائي ۾ پڙهائڻ سان شاگرد موجوده اٺ ڪتابن جي وزن کان وڌيڪ سکي سگهي ٿو چو ته موضوعن جي گهرائي سندس داخلي تحرڪ کي اڀاريندي ۽ پوءِ سندس سکڻ لاءِ تحرڪ جو سبب لٿ ۽ ٿافي نهه رهندو ۽ هو ازخود اهڙا سوال اٿاربنيدو جن جا جواب هو پاڻ ٻهه ڳوليندو ۽ ٻين کان ٻهه پڇندو ۽ ائين استاد جو اصل قردار ٻهه اڀري سامهون ايندو يعني شاگرد جي سکڻ ۾ مدد ڪرڻ نهه ڪي سندس دماغ کي ڊسٽ بن سمجهي جيڪو وٽي سو ان ۾ سٽڻ شاگرد جي دماغ ۾ پيدا ٿيل سوالن جا جواب ملڻ ۾ مثال ٻهه مهينا لڳا ته هو موجوده ميل ڊگهي نصاب جي نصبت ۾ ڪافي وڌيڪ سکي ويندو ۽ سندس اها سکيا سمجهه وا ري سکيا هوندي ۽ ان سان گڏ وٽس ڪافي سکڻ جو حقمت عمليون پڻ اچي ويندييون .

## ڄاڻ منظم ڪيئن ڪجي؟

ماهرن جي ڄاڻ هڪبئي مٿان سٽيل حقيقتن چڙوچڙ معلومات ۽ فقط انگن اکرن ۽ فارمولن جو مجموعو ناهي هوندي پر ماهرن وٽ معلومات بنيادي تصورن ۽ ان جي چوڌاري لاڳاپيل هقيقتنءِ انگن اکرن جي صورت ۾ منظم ٿيل هوندي آهي ۽ ڪوبهه بنيادي تصور هيڪڙائي ءَ جي صورت ۾ ٻني ڪا ن چڳل ناهي هوندو پر انهن ۾ معنا خيز ڳانڍاپو هوندوآهي .تنهن ڪري ئي جيڪڏهن توهان هڪ ئي وقت ڪنهن فزڪس جي ماهر ۽ سيکڙاٽ کي ڪو حساب حل ڪرڻ لاءِ ڏيندئو ته انجو صحيح جواب ته ٻئي ڪڍي ويندا پر ماهر توهانکي اهو ٻهه ٻڌائي سگهندو ته هن ڪٿي ڪهڙا فارمولا چو استعمال ۾ آنداءِ انهيءَ حساب جو استعمال ڪٿي ڪٿي ٿي سگهي ٿو ۽ ڪٿي نهه ٿو ٿي سگهي ۽ ان جا سبب ڪهڙا

آهن. ان مان ثا بت ٿئي ٿو ته ماهر جي ڄاڻ ڪل جي صورت ۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هوندي آهي. ماهر هميشه مسئلن ۽ سين کي گهرائيءَ ۾ ڏسي سگهندو آهي . انسان جيئن جيئن شيون سکندو رهي ٿو تيئن تيئن سندس ذهني ڍانچي جي بناوٽ ۾ تبديلي ايندي رهي ٿي ۽ اهو تجربي ، ارهنمائي ۽ ۽ مشق ذريعي بهترکان بهتر ٿيندورهي ٿو پوءِ جڏهن ماڻهو مهارتي پڇي ٿو ته سندس ڍنچو ڪارآمد بڻجي ٿو پر ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ انسان ڪڏهن پرفيڪٽ ٿي نه ٿو سگهي

سيکڙاڻ هميشه حقيقتن ۽ انکن اکرن جي يادگيريءَ تي وڌيڪ زور ڏينداآهن جڏهن ته ماهرن جو حقيقتي ڄاڻ کان وڌيڪ تصوراتي ڄاڻ تي زور هوندوآهي ماهر حقيتن جي جي مدد سان تصورن جي اوناهين ۾ وڃي گهري سمجهه حاصل ڪري وٺندا آهن ۽ هو انهيءَ سموري پروسيس جو مطالعو ڪنداآهن جنهن جو نتيجو انگ اکر پڻ هونداآهن .هو هميشه ڪيئن، ڇو ، جهڙا تجزياتي ۽ تنقيدي سوال اٿاريندا آهن..

مٿئين سوري تحقيق کي سهيڙي اها ڳالهه ڪري سگهجي ٿي ته ماهرن جي ڄاڻ اهم خيالن ۽ بنيادي اصولن جي چوڌاري ترتيبيل هوندي آهي تنهن ڪري نصا ب ۽ پڙهائن جي طريقن کي پڻ اهڙي نموني ترتيب ڏيڻ گهرجي ته جيئن موجوده يادگيريءَ واري عمل کي مليل اهميت ختم ٿئي ۽ شاگردن کي تصوراتي سمجهه مهيا حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي.

اسان جو موجوده نصاب ۾ بيترتيب حقيقتون بغير ڪنهن نشونمائي حدبنديءَ جي حساسيت جي هڪٻئي مٿان سٽي اڇلايون ويون آهن تنهن ڪري شاگرد ويچارو وٺوهڻن تي مجبور آهي ۽ ٻي ڳالهه ته امتحانن ۾ به اڪثر سمجهه بجاءِ يادگيريءَ جي پرک ڪئي ٿي وڃي جڏهن ته تجزياتي ، ڀيٽا، فرق ۽ درجيدندي ۽ تنقيدي جائزي وغيره جهڙا سوال تمام گهٽ شامل ڪيا ٿا وڃن ظاهرآهي ته شاگرانهيءَ شي تي زور ڏيندو جيڪا ڪانئس اڳتي پڇي ٿي وڃي پر ويچارو شاگرد ٻڌائيندو به ڇا هوتهه سڀو سال ميل ڊگهي معلومات جي روڊ تي ڊوڙندو رهيو آهي جنهن جي گهرائي هڪ انچ به نه هئي . بهتر رٿا بنديءِ سان جوڙيل محدود موضو ع گهرائي ۾ پڙهائڻ سان شاگرد موجوده اٺ ڪتابن جي وزن کان وڌيڪ سکي سگهي ٿو ڇو ته موضوعن جي گهرائي سندس داخلي تحرڪ کي اڀاريندي ۽ پوءِ سندس سکڻ لاءِ تحرڪ جو سبب لٽ ۽ ٿافي نه رهندو ۽ هو ازخود اهڙا سوال اٿاربنيدو جن جا جواب هو پاڻ به ڳوليندو ۽ ٻين کان به پڇندو ۽ ائين استاد جو اصل قردار به اپري سامهون ايندو يعني شاگرد جي سکڻ ۾ مدد ڪرڻ نه ڪي سندس دما غ کي ڊسٽ بن سمجهي جيڪو وٽي سو ان ۾ سٽڻ شاگرد جي دما غ ۾ پيدا ٿيل سوالن جا جواب ملڻ ۾ مثال ٻه مهينا لڳا ته هو موجوده ميل ڊگهي نصاب جي نصبت ۾ ڪافي وڌيڪ سکي ويندو ۽ سندس اها سکيا سمجهه وا ري سکيا هوندي ۽ ان سان گڏ وٽس ڪافي سکڻ جو حقمت عمليون پڻ اچي وينديون .

ماهرن جي دماغ ۾ چا ڻ متن مطابق ترتيب ڏنل هوندي آهي نعني ڪين اها خبر هوندي آهي ته ڪهڙي ڄاڻ ڪٽي استعمال ٿيڻي آهي . تعليم دانن کي ماهرن جي انهيء طريقي کي نصاب ۽ پڙهائڻ جي طريقن ۾ استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ شاگردن کي اهو پڻ ٻڌائڻ گهرجي ته ڪهڙي ڄاڻ ڪٽي ۽ ڪيئڻ استعمال جوڳي آهي . مثال طور خاص طور تي حسابن جي سبجيڪٽ ۾ شامل اڪثر ڄاڻ بابت شاگردن کي خبر ناهي هوندي ته اها ڪهڙي استعمال جي آهي ان ڪري ٻار اها ڄاڻ عملي زدنگيء ۾ مسئلا حل ڪرڻ لاء استعمال ڪري ناهي سگهندو.

سکياڻي ٿيل سموري تحقيق جو وڏڪان وڏ زور انهيء ڳالهه تي ئي آهي ته ٻارن ۾ رٽڻ جي عادت پيداڪرڻ بجاءِ ڪين سمجهه حاصل ڪرڻ لاء اتساهيو وڃي چو ته رٽيل ڄاڻ کي ماڻهو ٻڌائي ته سگهي ٿو مگر عملي زندگيء ۾ ان کي استعال نه ٿو ڪري سگهي .استاد کي گهرجي ته هو وڏ کان وڏ محنت شاگردن جي سوچڻ جي انداز تي ڪري ائين ڪرڻ سان شاگرد نه صرف ڪلاس ۾ سکندو پر هو هر جاءِ ۽ هر محفل ۾ سکندو رهندو . پر جيڪڏ جيڪڏهن استاد پنهنجي پڙهائڻ جي طريقي ۾ شاگرد سان ڊسڪس ڪرڻ بجاءِ حاڪمانه رويو اختيار ڪندو ۽ سندس دماغ خالي ٻوري سمجهي ان ۾ پوسو پريندو ويندو ته شاگرد جون تنقيقي، تخليقي صلاحيتون دٻجي ويندو يون ۽ کيس اسڪولي معلومات ۽ سرگرميون معنا خيز نه لڳنديون ۽ پوءِ هو ويچارو روياتي ماهرن ٻاران ڪتن تي ڪيل تحقيق کي ڪلاس ۾ ٻارن تي لاڳو ڪري ڪين ڪلاسن ۾ واڙي سزا ۽ جزا مشينري ۽ تحت ۽ حسد جي پيداوار غير انساني جزبي چٽاپيٽي يعني COMPITATION سمجهڻ کي سندن سکڻ جو محرڪ بڻايو ويو آهي بجاءِ جو ٻار جي سکڻ بابت اندروني تڙپ کي اڀارجي . اسان ڪن غليظ ترين لفظن کي ايتو ته پاڪيزا بڻائي ڇڏيو آهي جو انهن خلاف ٻڌڻ لاءِ ڪو تيار ئي ناهي .

## ڪلاس ۾ سکيا جي ماحول جي ترتيب

سکڻ جي ماحول تي ٿيل تحقيق مان ڪلاسن ۾ لکيا جي ماحول جي ترتيب ۽ تخميني ۾ پڻ مدد ملي ٿي ، جنهن سان ٻار وڏ کان وڏ سکي سگهن ٿا. مٿي بيان ڪيل سکيا جي اصولن مطابق سکيا جي ماحول ۾ هيٺيون چار ڳالهيون هجڻ گهرجن .

1- شاگرد مرڪوزهجڻ ، ڄان مرڪوزهجڻ ، پرک مرڪوزهجڻ ۽ گروهه مرڪوز هجڻ. انهن مختلف ماحولن جا مرڪز ۽ حدف مختلف آهن پر ساڳئي وقت اهي سڀئي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن تنهن ڪري انهن سڀني جو هجڻ پڙهائڻ جي بهتر ماحول جي نشاندهي ڪري ٿو . گروهه مرڪوز ماحول ۾ شاگردن جي گروهي ڪم، مشقن ۽ بحث مباحثي کي همٿايو ويندو آهي ان ماحول هجڻ ڪري شاگردن ۾ سندن سوچ ۽ سمجهه جي خود نگراني وڌي ٿي .ڪلاس ۾ بحث مباحثي کي همٿائڻ سان ساڳئي وقت سکيا جي عمل کي هٿي ملي ٿي. بحث مباحثي جو مقصد ڪين سوچرائڻ ، پنهنجي سکيا جي نگراني

ءَڪرڻ لاءِ همٿائڻ ۽ ڪين خود هدايتي بنائڻ آهي چوته شاگرد ۾ تنقيدي سوچ اڀارڻ جا مکيه عنصر ڪنهن به هڪ پڙهائڻ جي طريقي سان ممڪن ناهن هوندا، اصل ۾ جڏهن استاد ڪي مٿين سيني سکيا جي اصولن جي ڄاڻ اچي ويندي ته ڪيس خودبخود خبر پئجي ويندي ته ڪنهن وقت ڇاڪرڻو آهي؟

## شاگرد مرڪوز هجڻ .

ذهين هجڻ جي معنا ڇا آهي ؟ انهيءَ سوال جو جواب ٻار جي ڪارڪردگيءَ تي اثر انداز ٿيندو آهي . جيڪي ٻار سمجهندا آهن ته سندن ذهانت طع شده يعني ذهانت گهٽتائي يا واڌارو ته ٿو اچي سگهي اهي صرف سندن ڪارڪردگيءَ تي ڌيان ڏيندا آهن ۽ سکڻ دوران اهي ٻاڻ ڪي نيون شيون ڪري ڏسڻ ۽ خطرا کڻڻ کان پري رکنداآهن ۽ جڏهن ڪو به ڪم مشڪل ٿي پوندو آهي ته اهي هٿ ڪيدي ٻيهي رهندا آهن . جڏهن ته انهن جي ابتڙ جيڪي شاگرد ذهانت کي تبديل ٿيندڙ شيءِ سمجهندا آهي اهي مشڪل صورتحال ۾ به ڪم جاري رکندا آهن ۽ اهي خطرا کڻڻ جا شوقين هونداآهن. شاگرد مرڪوز ماحول ۾ استاد هر شاگرد جي حاصلات تي الڳ ڌيان ڏيندو آهي ۽ ڪين سندن سوچ، دلچسپيءِ اهليت جي حساب سان ڪم ڏيندو آهي شاگرد مرڪوز استاد ٻارن کي حل ڪرڻ جوڳا ڏکيا ڪم ڏيندو ويندو آهي يعني ايترا ڏکيا به نه جو جنهن مان ٻان بيزار ٿي هٿ ڪيدي ڇڏي ۽ نه ئي ايترا آسان جو شاگردجي دلچسپي ئي نه رهي .. شاگرد مرڪوز استاد لاءِ اهو تمام اهم آهي ته هو شاگرد جي ڇان صلاحيت ۽ ڪلچسپيءَجي گهري خبر رکي .

## ڄاڻ مرڪوز ماحول

ڄاڻ مرڪوز ماحول ۾ انهيءَ ڳالهه تي غور ڪيو ويندو آهي ته ڇا سيکاريو ٿو وڃي ؟ ڇو ٿو سيکا ريو وڃي؟ ۽ اها خبر ڪيئن پئي ته شاگرد ڪيترو سکيو؟ جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو ته سکيا جي تحقيق مان خبر پئي آهي ته مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ ڄاڻ جيِ ترتيب ۽ سمجهه اهم هو ندي آهي ڇو ته ان سان سکيل ڄاڻ کي استعمال ۾ آڻي سگهجي ٿو . سمجهه حاصل ڪرڻ يادگيريءَ کان وڌيڪ ڏکيو ڪم آهي ۽ ان لاءِ وڌيڪ وقت جي ضرورت هوندي آهي ڪيتري اڪثر نصابي معلومات شاگرد ۾ سمجهه واري سکيا پيدا ڪري ناهي سگهندي آهي چو ته ان ۾ هڪ ٻئي کان ٽٽل حقيقتون ۽ انهن کي سمجهڻ لاءِ گهٽ وقت ڏنل هوندو آهي ، ٻي معنا ۾ نصاب سان مسئلو اهو آهي ته اهو ميل ڊگهو ۽ انچ اونهو آهي .جڏ هن ته ٽيسٽن ۽ امتحانن ۾ اڪثر ڪري سمجهه بجاءِ يادگيريءَ‌کي پرکيو ويندو آهي . ڄاڻ مرڪوز ماحول ۾ معلومات جي ضروري گهرائيءَ ۾ وڃڻ لازمي هوندو آهي ۽ امتحانن ۾ به سمجهه جي پرک تي وڌيڪ زور ڏنو ويندو آهي ڄاڻ مرڪوز استاد ٻار کي ذهني حقمت عمليون سيکاريندا آهن جن ذريعي ٻار وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري سگهندا آهن.

ڪنهن به نصابي سرگرمي ۽ ۾ دلچسپيءَ سان شريڪ ٿيڻ ضروري هوندوآهي پر اها ڪا پڪي ڳالهه ناهي ته شاگرد انهيءَ سرگرميءَ مان اهڙي ڄاڻ حاصل ڪري سگهندو جيڪا ڪيس نيون شيون سکڻ ۾

مدد ڏئي . لک پڙهه وارين اسڪولي سرگرمين ۾ غور فڪر وارين مشڪن ۾ فرق هوندوآهي ۽ ٻاڻ مرڪوز ماحول ۾ غور و فڪر وارين سرگرمين تي وڌيڪ زور ڏنو ويندو آهي .

## ترڪيبي پرک

شاگردن کي مسلسل پرکڻ جي عمل سان سندن سکيا جي حاصلات ، مشڪلاتن کي استاد پنهنجي ۽ شاگرد اڳيان واضح ڪري سگهي ٿو ترڪيبي پرک رواجي امتحانن ، ٽيسٽن يا ڪوئيز ڪامپيٽيشن وانگر ناهي هوندي پر هن قسم جي پرک جو مقصد اصل ۾ شاگرد جي سکياجي عمل جي تشخيص ڪرڻ هوندو آهي تهه جيئي ان ذريعي معلوم ٿيل مسئلن جي حل لاءِ شاگرد جي مدد ڪئي وڃي . استاد شاگرد جي سوچ خيالن ۽ سمجهه کي معلوم ڪري سگهي ٿو ۽ ان مطابق سکيا کي وڌيڪ ترتيب ڏئي ٿو ترڪيبي پرک ۾ استاد شاگرد جي ڪم ۽ سکيا بابت شاگرد کي آگاهه ڪندو آهي . ٻاڻ مرڪوز سکيا جي ماحول ۾ شاگردن جي حاصلات جي پرک جو مقصد سندن سکيا کي هٿي وٺائڻ هوند آهي اهڙي ماحول ۾ شاگردن جي رٽي کي اهميت ناهي هوندي پر هن امتحان ۾ شاگرد کي سندن سوچ کي دهرائڻ ۽ ان کي بهتر بنائڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويندو آهي ۽ استاد سندس ڏکيائيون ۽ ڪمزوريون معلوم ڪري پوءِ انهن مطابق شاگردن کي پڙهائيندوآهي .

## گروهه مرڪوز ماحول

ڪلاس ۽ اسڪول جي اصولن ۽ قائدن جو ٻار جي سکيا تي گهرو اثر پوندو آهي اسان وٽ اڪثر ڪري ٻار کي تنقيدي سوال ڪا ن بلڪل منع ڪيو ويندو آهي ڪن معياري پرائيويٽ اسڪولن ۾ ٻارکي علمي جوکا کڻڻ ۽ غلطيو ن ڪري سکڻ لاءِ همٿايو ويندوآهي پر اڪثر ڪري لڪير جي فقيريءَ کي ئي ساراهيو ويندو آهي ظاهر آهي تهه جيڪڏهن ڪنهن موضوع بابت شاگردن جي سوچ۽ سمجهه ۽ راءِ کي معلوم ڪرڻو آهي تهه ڪلاسن ۾ ماحول بهه اهڙو هجڻ گهرجي جنهن ۾ ٻار آساني ءَ سان پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي ۽ ڪيس تنقيدي سوا ل ڪرڻ تي همٿايو وڃي . استادن کي اهڙيون اسڪولي سرگرميون ترتيب ڏين گهرجن جنهن سان شاگردن ۾ گروهي ڪم جو تصور پيدا ٿئي (نهه ڪي ڪامپيٽيشن چو تهه ڪامپيٽيشن ۾ ٻار هڪ ٻئي سان سندن سمجهه نهه ونڊيندآآهن ) ائين ڪرڻ سان ڪلاس ۾ هڪ اهڙو سماج پيدا ٿيندو جنهن ۾ شاگرد ٻاڻ جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان تعاون ڪندا ۽ هڪ ٻئي سان سندن سمجهه ونڊي اهڙا سوال اٿاريندا جن سان وٽن وضاحتون وڌيڪ واضح ٿينديون . مسئلا حل ڪرڻ ۾ هڪٻئي سان تعاون ۽ ويچار ونڊڻ ذريعي ٻارن جي ذهني نشو نما کي هٿي ملندي آهي . استاد کي ڪلاس ۾ سکندڙن جو اهڙ و سماج جوڙڻ ۾ سندن رهنمائي ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ ٻار هڪ ٻئي کان سوال ڪن ۽ هڪ ٻئي جي سمجهه مان سمجهن ائين ڪرڻ سا ن انهن وٽ نوان خيال سامهون ايندا ۽ هو وڌيڪ مڪمل نموني سکي سگهندا ، شاگردن ۾ سکڻ لاءِ اتساهه پيدا ٿيندو

چو ته ڪين ڪلاس ۾ هڪٻئي سان گفتگوء دوران اهو مواد پيش ڪرڻو پوندو . ڪلاس جي ماحُول کي اهڙو هجڻ گهرجي جنهن سان سکيا کي عملي زندگيء ۾ استعمال ڪري سگهجي .

## پنج ڳالهيون

شاگرد پنهنجي پنهنجي طريقي سان سکندو آهي ۽ مختلف استاد الڳ الڳ طريقن سان پرهائينداآهن تنهن ڪري بهتر سکيا جي وضاحت هيٺين پنجن سوالن جي جواب ۾ ڪري سگهجي ٿي .

1. شاگرد ڪهڙي طريقي سان ڄاڻ کي وڌيڪ آساني ء سان سکي ٿو مثال ؛ ٻڌڻ ذريعي ، ڏسڻ ذريعي (خارجي)يا اندروني احساس ، وجدان ، اشارن ۽ غور و فڪر ذريعي (داخلي)

2. شاگرد ڪهڙي صورت ۾ خارجي ڄاڻ بهتر نموني سمجهي تصويرن ، شڪلين ، گرافن ،نقشن يا لفظن اچارن ۽ آوازن ذريعي

3. ڄاڻ کي ڪهڙي نموني ترتيب ڏيڻ سان شاگر د کي آساني ٿئي ٿي (الف)جنهن جنهن ۾ پهريون حقيقتون ۽ مشاهدا ڏنل هجن ۽پوء ان ۾ سمايل اصولن کي سمجهايل هجي يا(ب) پهرين اصول ڏنل هجن ۽ انهن مان نتيجا ۽ استعمال ڪڍيل هجي.

4. شاگرد ڄاڻ جي ترتيب ڪاري ڪيئن ٿو ڪري (الف) چستيء سان يعني جسماني سرگرميء ۽ بحث مباحثي ۾ حصو وٺڻ ذريعي يا (ب) غور ويچار ذريعي اندر ۾ جهاتي پائي ؟

1. شاگرد شيون سمجهڻ طرف ڪيئن ٿو وڌي (الف) ترتيبوار يعني لڳاتار حصن ۾ يا (ب) ڪل ۽ وڏن ٽپن جي صورت ۾ ؟

ٻارن جي سکڻ جي مطتلف طريقن کان آگاهه ٿيڻ بعد ڪين پڙهائڻ جي طريقن انهن سا هم آهنگ ڪرڻ لاء پڻ هيٺين پنجن سوالن تي غور ڪرڻ گهرجي .

1. استاد ڪهڙي قسم جي ڄاڻ تي زور ڏئي ٿو (الف) ٺوس حقيقتن تي ٻڌل ڄاڻ تي، يا (ب)ڄاڻ تي

1. استاد ڪهڙي طريقي سان ڄاڻ کي منتقل ڪرڻ پسند ڪري ٿو (الف) تصورن شڪلين گرافن ۽ اشارن ذريعي يا (ب) ليڪچر ، ڪتاب پڙهائڻ ، ۽ بحث مباحثي ذريعي .

2. استاد جو سمجهائڻ جو طريقو ڪهڙو آهي (الف) حقيقتن ۽ لقائن کان اصولن طرف يا (ب) اصول سمجهائي ان جي چو ڌاري حقيقتن ۽ لقائن کي ترتيب ڏيڻ .

3. استاد ڪلاس ۾ شاگردن جي ڪهڙي قسم جي شرڪت کي همٿائي ٿو (الف) چست يعني شاگرد ڳالهائين ، پهنجي راءِ ڏين ، بحث ڪن ۽ فڙت هجن يا (ب) سست يعني شا گرد فقط ڏسن ۽ ڳالهين کي ٻڌن پڙ هائڻ لاءِ استاد ڇاڻ کي ڪيئن ٿو ترتيب ڏئي (الف) ترتيبوار يعني حصن ۾ يا (ب)ڪل جي صورت ۾ يعني متن ۽ لاڳاپي جي حساب سان جيڪي شيون بغير ترتيب جي جيڪي شيون اينديون وڃن .

اڪثر ڪري مسئلا تڏهن پيدا ٿيندا آهن جڏهن شاگردن جي سکڻ جي انداز ۽ استادن جي پڙهائڻ جي انداز ۾ فرق هوندو آهي ، انهيءَ مسئلي جو حل اهو آهي ته ان فرق کي گهٽ ڪرڻ گهرجي ظاهر آهي ته استاد هر شاگرد کي ان جي سکڻ جي حساب سان نه ٿو پڙهائي سگهي پر هو پڙهائڻ جون اهڙيون گڏيل حقمت عملويو ن استعمال ڪري سگهي ٿو جن سان هر قسم جو شاگرد سندس سکڻ جي انداز مطابق سکي سگهي . ٻي اهم ڳالهه هيءَ آهي ته شاگرد کي سندس گهٽ پسنديده حس ذرعي وڌيڪ ڇاڻ فراهم ڪبي ته هو گهٽ سکندو، پر جيڪڏهن کيس فقط پسنديده حس ذريعي (مثال ٻڌڻ ذريعي) ڇاڻ فراهم ڪبي ته هو مڪمل طور تي سکي نه سگهندو تنهن ڪري سندس پسنديده غير پسنديده حس کي ڇاڻ منتقل ڪرڻ لاءِ ضرورت ۽ حالات آهر استعمال ڪرڻ گهرجي .بيو ته شا گردن کي پڙهائڻ وقت سوچڻ لاءِ وقت ڏيڻ گهرجي هڪٻئي پئيان يڪدم ڇاڻ فراهم ڪرڻ سان هو گهٽ ڳالهيون حاصل ڪري سگهندو ، ائين ڪرڻ لاءِ کين اهم ڳالهين بابت سندن مثال سوچي ٻڌاڻ لاءِ چئي سگهجي ٿو.

****